


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ٽُٽل عَڪس سُونهن جا!

(شاعري)

عبدالحڪيم "ارشد"

ساهتي

ساهتي ادبي اڪيڊمي

نواب شاهه سنڌ

2013ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

Sahitee Book No: 8

# ٽُٽل عڪسَ سُونهن جا!

(شاعري)

سرجيندڙ: عبدالحڪيم "ارشد"
مرتب: "پريتم" قاضي
سرورق: اُستاد هرجي مل
ڇاپو: پهريون، © آگسٽ 2013ع
ڇپائيندڙ: ساهتي ادبي اڪيڊمي،
رضا هائوس مهراڻ ڪالوني، نواب شاهه، سنڌ
رابطي لاءِ: 03003212891
ڪمپوزنگ: راڻو خان ميگهواڙ،
سُورج پرنٽرس حيدرآباد، سنڌ
قيمت: -/150 روپيا

# TUTAL AKS SOONH JA

(Poetry)

Poet: Abdul Hakeem "Arshad"
Compiled by: "Preetam" Qazi
Title Cover: Ustad Harji Mal
Published by: Sahitee Adabi Academy,
Raza House, Mehran Colony,
Nawabshah, Sindh
1st Edition: © Sahitee, August 2013
Composed by: Rano Khan Meghwar,
Souraj Printers, Hyderabad, Sindh
Price: Rs. 150/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ارپنا

انتهائي ادب، عقيدت، عاجزيءَ ۽ انڪساريءَ سان هيءُ ادبي پورهيو
ارپيان ٿو ـ امر ۽ زنده جاويد شهيدن:

(1) منصور حلاج
(2) حضرت مخدوم بلاول
(3) حضرت شاهه عنايت شهيد ۽
(4) سرمد شهيد

جي پاڪ ۽ پويتر روحن کي، جن محبت بني نوع انسان جي راهه ۾ پنهنجي
جانين جو نذرانو ڏئي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ:

*هرگز نه ميرد آنکه دلش زنده شد بعشق،*
*ثبت است بر جريده عالم نقش دوام ما.*

ترجمو: "تاريخ جي صفحن تي اسان جي خون سان لکيل عنوان ۽
سُرخيون ثابت ڪن ٿيون، تہ جن جي دلين کي عشق جياريو سي انسانَ
هميشہ امر، لافاني ۽ سدا حيات هوندا آهن."

هنن اسان کي سيکاريو تہ جسم تہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي سگهن ٿا، پر
محبت هميشہ زنده ۽ پائنده رهندي ۽ محبت کي دنيا جي ڪابہ رڪاوٽ
مٽائي نہ ٿي سگهي شرط اهو آهي تہ انسان پنهنجي مقصد، مطلب ۽ آئيڊيل
سان سچو هجي ۽ وفا جي راهن تي پامرديءَ سان ثابت قدم رهي ۽ هر طرح
جي خوف، لوڀ ۽ لالچ کان مٿانهون ٿي، ذبت ڪري ڏيکاري تہ:

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي موهيا ڪنهن نہ مال،
جي چورين ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.
(شاهه لطيف)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## نظم

تو لاءِ منهنجو روح رڙيه
سالن کان تو ساهه سڙيا
سيني ۾ ٽا ڪُورا ڪامن،
دل ۾ پيئي باهه ٻريا
مون کي پاڻيءَ ڏک پيار،
من کو منهنجو هانءُ ٺريا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# وچور


| | | |
|---|---|---|
| ❖ حال حقيقت | بشير احمد هيسباڻي | 7 |
| ❖ تبرڪ | ٺڪور | 9 |
| ❖ پري پيءُ جام محبت وارو | عبدالحڪيم "ارشد" | 11 |
| ❖ سُر رامڪليءَ جو رستو | مقصود گُل | 15 |
| ❖ وِهُه ماڪي جي ڪِن | رحمت الله پيرزادو | 23 |
| ❖ نئين نسل جو سُونهون: سائين "ارشد" | اصغر "تنها" | 26 |
| ❖ سائين "ارشد"! گهاٽي ٻڙ جي ڇانو | امداد رند | 28 |
| ❖ متن | | |
| غزل | | 31 |
| گيت | | 89 |
| آزاد نظم | | 93 |
| نظماڻو نثر | | 109 |
| وايون | | 113 |
| ڪافيون | | 121 |
| دوها | | 131 |
| قطعا | | 141 |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# حال حقيقت

محترم عبدالحڪيم "ارشد" جي شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. پاڻ نهايت سادي ۽ حليم طبع جو مالڪ آهي. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌس نالو وڏي احترام سان ورتو وڃي ٿو. پاڻ سنڌي نثر جي کيتر جو بہ شهسوار آهي. گذريل صديءَ جي پنجاهہ واري ڏهاڪي کان 'سنڌي ادبي سنگت' جي پليٽ فارم تان پنهنجي شاعريءَ ۽ نثر ۾ مضمونن ۽ ڪالمن سان گڏ، تقريرن ذريعي سنڌي ادب کي مالا مال ڪندو رهندو اچي ٿو.

عبدالحڪيم "ارشد" بنيادي طرح هڪ شاعر آهي. هن وقت تائين، سنڌس شاعريءَ جا بہ مجموعا، هڪ 'آيئا ڏات جا' ۽ ٻيو 'آجپي جي گيت جهڙي شاعري' شايع ٿي چڪا آهن. سنڌس پهريون مجموعو سن 1976ع ۾ شايع ٿيو ۽ اهو پڙهندڙن ۾ ايترو تہ مقبول ٿيو جو سن 1997ع ۾ اُن جو ٻيو ڇاپو پڌرو ٿيو. سنڌس شاعريءَ ۾ وزن جي پابنديءَ سان گڏ، نين تشبيهن، اصطلاحن، محاورن، استعارن، عڪسن، علامتن، اهڃاڻن ۽ موسيقيءَ جي موجودگي آهي.

زيرِ نظر ڪتاب 'ٽُٽل عڪس سُونهن جا' عبدالحڪيم "ارشد" جي شاعريءَ جو ٽيون مجموعو آهي، جو سنڌس رومانوي شاعريءَ تي مشتمل آهي. اُميد تہ هي، ڪتاب، عبدالحڪيم "ارشد" جي اڳين ٻن ڪتابن وانگر، پڙهندڙن وٽ مقبوليت جو معراج ماڻيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ٿورا ٿورا ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ جا

هن ڪتاب جي اشاعت جي سلسلي ۾، 'سڪندر آرٽ گئلري نواب شاهه' جو خصوصي تعاون رهيو جنهن لاءِ آءٌ محترم "پريتم" قاضي صاحب جو دليءَ طرح ٿورائتو آهيان.

خادم العلم

بشير احمد هيسباڻي

"رضا هائوس"

مهراڻ ڪالوني، نواب شاهه سنڌ

8 آگسٽ 2013ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# تبرڪ

## اڻ مُيون عنايتون

توئي تہ مون کي لامحدود بڻايو آهي.
اها ئي تہ تنهنجي چاهت آهي.
هن ڪمزور ٺانءَ کي تون وري وري خالي ڪرين ٿو.
۽ پوءِ وري وري پاڻ ئي ان کي نئين زندگيءَ سان پُر ڪرين ٿو.
بانس جي هن ننڍڙيءَ بانسريءَ کي تون،
ماٿرين ۽ ٽڪرين ۾ ڪٺي پيئتا ڏيندو رهيو آهين،
۽ تو اُن منجهان هميشہ امر سُر سنگيت سِرجيا آهن.
تنهنجي هٿن جي امر ڇُهاءَ سان منهنجي پٽڪڙي دل،
خوشيءَ ۾ بيخود ٿيو پوي
۽ اهڙي تہ امر گفتار ٿي ڪري
جيڪا لفظن ۾ بيان ٿي نہ ٿي سگهي.
تنهنجون اڻ مُيون عنايتون
منهنجي هنن تمام ننڍڙن هٿن وسيلي ئي مون کي ملن ٿيون.
زمانا گذري ٿا وڃن،
۽ تون اڃان پنهنجون مهربانيون اوتيندو رهين ٿو
پر پوءِ بہ انهن مهربانين پرجڻ لاءِ.
اڃان جاءِ خالي هوندي آهي.....!!
— ٽئگور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# يري پيءُ جام محبت وارو...!

انتهائي مانوارا قارئين! منهنجي شاعريءَ جو هيءُ ٽيون مجموعو "ٽُٽل عڪسَ سُونهن جا" اوهان جي هٿن ۾ آهي. ڪتاب جي نالي مان ئي اوهان هن ڪتاب ۾ لکيل منهنجي شاعريءَ جي مرڪزي موضوع جو آسانيءَ سان ادراڪ ڪري سگهو ٿا ۽ ان جو مطالعو اوهان کي انهيءَ نتيجي تي پهچائي سگهي ٿو ته هيءَ شاعري هڪ اهڙي بي حس، انڌي، ٻوڙي ۽ گونگي پٿر سماج ۾ هڪ اهڙي زخمي، چيهون چيهون ٿيل وجود تي هر طرح جي ناڪامين، محرومين، درد، الم ۽ پيڙائن جي پٿرن جي وسڪار جي آتم ڪٿا آهي، جنهن جون آرزوئون انگاسن تي لڙڪيل ۽ جنهن جا سپنا چُور چُور ٿي ويل هجن. هي نقط هڪ فرد جي ڪهاڻي ناهي. هي تاريخ آهي هن پٿر سماج جي، اُن مدي خارج سرشتي جي، جنهن جي گهاڻي ۾ پيڙجندڙ هزارين لکين انسانن جا ارمانَ مُرادن جي منزل نه ماڻي سگهيا. نڪتا هئا خوشين جي تلاش ۾ ته پيڙائن ۾ پيڙجي ويا. محبتن کان محروم رسمن، رواجن، مذهبن، عقيدن، طبقاتي متڀيد ۽ نفرتن جو هڪ جهنم آهي، جنهن ۾ اڄ جو انسانُ سَڙِي ۽ ٻري رهيو آهي. ماڻهن جي مُنهن تي پليل مصنوعي مسڪراهٽ هجي، پر انهن جا جيءَ جُهريل، دليون ٽُٽل ۽ نيڻ پنل ئي نظر ايندا.

هيءَ شاعري اهڙن زخمي روحن جي لفظي عڪاسي ۽ حقيقي تصوير آهي. خدا جي خلقيل هن سڄيءَ ڪائنات ۾ اوهان کي سُونهن ۽ توازن نظر ايندو ڇو ته هن فطرت جي سڄي سرشتي ۾ "جذب" ۽ "ڪشش" جو عمل جاري ۽ ساري آهي. يعني: ڪائنات جو هر مظهر ذري کان آفتاب تائين پاڻ ۾ نه رڳو مربوط آهي، پر هر شيءِ پنهنجو پاڻ کي ارپي رهي آهي. انهيءَ ارپنا ۽ پراپڪاريءَ هن ڪائنات کي بيحد خوبصورت ۽ سُونهن جو سمبال بڻائي ڇڏيو آهي. پر، سچو ٻگاڙ اسان بدنصيب انسانن جي دنيا ۾ آهي. اسان جون زندگيون ڇا آهن؟ "سرجايس ته سور، سامايس ته سک ويا!" ويتر هن مشيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زندگيءَ جي ڦرندڙ ڦيٿن ۾ اسين اهڙا تہ ڦاسي ويا آهيون، جو روح اُجايل ۽ دلين جون دنيائون ويران ٿيندڙيون پيون وڃن!

محبت انساني فطرت جي تقاضا آهي ۽ ان جي راهہ ۾ پيش ايندڙ هر رڪاوٽ فطرتِ انسانيءَ جي خلاف آهي. هي هٽ ٺوڪيون رسمون ۽ رواج، هي اوچ ۽ نيچ جا متڀيد. هي خانداني، نسلي، قبائلي ۽ مذهبي بنيادن تي انسان ذات جي تقسيم ۽ ويڇا، جنگيون ۽ جِدال اسان جي سماج ۾ گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نہ سگهندا. جيئن دنيا ويڙهجي سيڙهجي هڪ ڳوٺ وانگر ٺجي پئي وڃي، تيئن تيئن اهو مدي خارج ستم ڀڃي ڀُري پنهنجي موت پاڻ مرندو پيو وڃي ۽ انساني فطرت سنڌو درياءَ جي سِير وانگر پنهنجي راهہ جون سموريون رڪاوٽون ٽڪيندي، چيريندي، ڪجهہ بوڙيندي ۽ تاريندي اڳتي وڌندي پئي وڃي ۽ پنهنجي من موجي لهرن سان اسان جي سماج ۾ امن، آشتي، محبت ۽ انسان ذات ۾ پائپيءَ جا سُونهن پريا رنگ ۽ روپ وکيريندي پئي وڃي. آهي ڪنهن جي مجال، جو هن جي راهہ روڪي سگهي؟ ڪير تو سنڌوءَ جي سِيرَ سان سينو ساهي سگهي؟ ڪنهن کي آهي طاقت، جو ان جو رخ پوئتي موڙي سگهي!

اسين سنڌ جا اديب ۽ شاعر تاريخ جي هن موڙ تي پنهنجو فرض ادا ڪري رهيا آهيون. اسين محبتن جا سفير آهيون. اسين هر قسم جي نفرت، دُوئي، ڌڪار ۽ ٻيائيءَ تي ٺِتڪار ڪيون ٿا. اسين جڏهن پنهنجي درد ۽ ڪرب جو اظهار ڪندا آهيون، تہ اهو درد نہ رڳو اسان جو پر زماني جو درد هوندو آهي. اسان جا سپنا، اسان جون آسون، اسان جا انتظار ۽ اوسيئڙا نہ رڳو اسان جا آهن، پر اهي اوهان جا بہ آهن ۽ سڄيءَ انسان ذات جا آهن.
جڏهن اسان جي دلين جي آرسين تي اُڪريل سُونهن پرين عڪسن کي ٽُڪرا ٽُڪرا ڪيو ويندو آهي، تہ اسين انهن ٽڙيل پکڙيل ٽُڪرن کي چونڊي ورِي پنهنجي اکين ۾ سجائيندا آهيون. اسان تاريخي عمل جي هن سنڌوءَ جي سِيرَ جهڙي وهڪري ۾ ترينءَ پر وارن ڪنارن جا سَڏَ ٻُڌا آهن ۽ لهرون اسان کي پنهنجي پاڪر ۾ پڪوڙي هُن پار پهچائينديون، جتي اسان جا سپنا ساپيان بنجي سامهون هوندا.

مانوارا قارئين! هن پاپ نگر جي جنهن جاندهہ ۾ اسين ۽ اوهين پيڙجون پيا، ان جي هڪ وڏي پيڙا اها بہ آهي، تہ هتي جڏهن بہ ڪا سُونهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نينهن ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. تہ دلين جي وچ ۾ ديوارون ڪِرڻيون ٿي ويندڙيون آهن. هتي پيارُ پٿرن هيٺ پلجي ٿو. هتي نينهن جو ناءُ وٺندڙن لاءِ قدم قدم تي ڪاتِ، آڏيون ۽ ڪوس گهر نهيل آهن. هن پاپ نگر جي هر چوڪ ۽ هر موڙ تي ڦاهين ٽنڊا ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهاٽا ڪُتل آهن. هن شهرِ جفا ۾ نينهن نڀائڻ ئي وڏي ۾ وڏو ڏوهہ قرار ڏنو ويجي ٿو. هتي وفا جُرمِ ۽ جفا حلال ۽ جائز آهي. هتي ڪهاڙيون ڳيرو جوانن جو سسيون ۽ ڪنڌ ڪٽڻ لاءِ ئي ڦاهيون ويون آهن. پوءِ بہ محبت جي متوالن پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي، پنهنجي رت جا چراغ ٻاري، ايندڙ انسانن لاءِ راهون روشن رکيون آهن. انهن جو خون نہ رڳو ايندڙ انسانن جي رهنمائي ڪري ٿو پر ان جي هڪ هڪ قطري مان نوان انسانَ جنم وٺندا آهن.

آءُ پنهنجي هن ڪتاب کي ڪو وڏو ڪارنامو قرار نہ ٿو ڏيان. هيءَ هڪ حقير ۽ معمولي ڪوشش آهي. هيءَ شاعري آرسي آهي منهنجي اندر جي اُڌمن، ڪلپنائن، آرزوئن ۽ پيڙائن جي. هيءَ شاعري منهنجي روح جي ٻولي ۽ دل جي ويران صحرا مان اُڀري آيل صدائن جو پڙاڏو آهي. هن شاعريءَ ۾ اوهان کي ڪچا، پڪا رنگ ۽ روپ بہ نظر ايندا، ڇو تہ هن ۾ 1954ع جي ابتدا کان وٺي 1990ع تائين اُهي غزل، آزاد نظم، ڪافيون، وايون، دوها ۽ قطعا شامل آهن، جيڪي منهنجي مشهور ڪتاب "ڏيئا ڏات جا" ۾ شامل ٿي نہ سگهيا هئا.

آءُ نهايت محبت، خلوص، دل جي گهرائين ۽ نيڪ تمنائن سان محبت ۽ وفا جي راهہ تي هلندڙ مسافرن جي قدمن ۾ هيءَ معمولي ڪاوش پيش ڪريان ٿو هن اميد سان تہ جيڪڏهن هن ڪتاب "ڪُتل عڪسَ سُونهن جا" جي مانَ وارن پڙهندڙن مان ڪن جي دل ۾ ڇُپايل درد ۽ پيڙا جي ترجماني بنجي، منهنجا ڪي شعر انهن جي احساس کي ڇُهندا محسوس ٿين، سندن نيڻ پرجي اچن ۽ انهن جا جيءَ پنهنجي خاموش تنهائين ۾ بنا سُرَ ۽ آلاپ جي سٺي ڪا سِٽ جهونگاري وجهن، جيڪڏهن اوهان مان ڪن جو دردُ منهنجي دردَ سان هم آهنگ ٿي وڃي ۽ اوهان مان ڪنهن جي دل جي تارَ وڄي وڃي، تہ آءُ سمجهندس تہ مون کي منهنجي ڪاوش جو صلو ملي ويو ڇو تہ هيءَ شاعري داد ۽ تحسين لاءِ ناهي لکي وئي، پر هيءَ تہ دل جو هڪ خاموش آوازُ اوهان جي دلين تائين پهچائڻ جو وسيلو ۽ ذريعو آهي. انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري، هن شاعريءَ کي اعليٰ ادبي ۽ فني معيارن تي پرکڻ بجاءِ ان جي روح جي گهرائين تائين پهچڻ جي ضرورت آهي. مون کي اميد آهي ته اوهين انهيءَ پس منظر ۾ هن ڪتاب کي قبوليت جو شرف بخشيندا.

هيءُ ڪتاب به اوهان جي هٿن ۾ نه هجي ها. جيڪڏهن هن ڪتاب کي منهنجي مختلف ڪاپين. ڊائرين ۽ ورقيل پنن تان سموهي ۽ سهيڙي ان کي نهايت خوشخطيءَ سان فيئر ڪرڻ جو ٿورو ۽ احسانُ مون تي نواب شاهه جو نوجوان اديب ۽ شاعر. سڪندر آفتاب "پريتم" قاضي نه ڪري ها! آءٌ زندگيءَ ۾ هُن جو اهو ڳڻ وساري نه سگهندس. آءٌ هميشه ان لاءِ دعاگو آهيان. ته خدا کيس اڃ مين برڪتن سان نوازيندو رهي!

آءٌ دليءَ طرح سان سڪرنڊ جي خوبصورت احساسن جي مالڪ شاعر. رحمت الله پيرزادي جو به احسانمند آهيان. جنهن "ٿُلهل عڪسَ سُونهن جا" لاءِ پنهنجيءَ لکڻيءَ جي ذريعي مون کي مانُ بخشيو. سڪرنڊ جي هڪ ٻئي نوجوان شاعر. اصغر "تنها" جو به شڪرگذار آهيان. جو هن مون تي ليک لکيو. آءٌ سنڌي ادبي سنگت. نواب شاهه جي نوجوان ڪهاڻيڪار امداد رند. جيڪو هاڻي "سنگت" جي سيڪريٽريءَ جو ڪردار به بخوبيءَ نڀائي رهيو آهي. ان جي لکڻيءَ جو به ٿورائتو آهيان.

آءٌ اُستاد هرجي مل جو به بيحد ٿورائتو آهيان. جنهن تمام گهڻيءَ محنت سان هن ڪتاب جي ٽائيٽل ڪور جي بهترين ڊزائين ترتيب ڏني. ان تي رنگ وکيريا آهن.

آءٌ هڪ دفعو ٻيهر انهن مڙني چاهيل نوجوانن کي پنهنجون بي پناهه ۽ پُرخلوص محبتون. دعائون ۽ دل جي گهرائين سان نيڪ تمنائون ارپيان ٿو.

29 آگسٽ 2009ع
نواب شاهه سنڌ

عبدالحڪيم "ارشد"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سر رامڪليءَ جو رمتو...!!

مون کي جڏهن پياري "پريتم" قاضيءَ جي معرفت سائينءَ "ارشد" جو پيغام پهتو ته مان سندس ڪتاب "تُنل عڪس شونهن جا" تي پنج اکر لکان. تڏهن منهنجي حيرت جي ڪا حد ئي نه رهي...!! چاڪاڻ ته سائين "ارشد" جهڙي سينيئر ۽ برجستي شاعر کي پنهنجي شاعريءَ تي خيال آرائيءَ لاءِ به پاڻ جهڙي ڪنهن سُرتئي، سيبتي ۽ وڏي ذات ۽ ڏانءَ واري شاعر جي چونڊ ڪرڻ گهربي هئي.

پر، خبر ناهي، الائي ڪهڙي خيال ۽ صلاح کي نظر ۾ رکي، سائين "ارشد" مون کي لکڻ جو حڪم ڪيو...!؟ بهرحال، "حال پريان نال". مون پنهنجي قلم کي به تي آڏا تيڙا اکر لکڻ تي مجبور ڪيو آهي. نه ته مون کي پنهنجي حال جي پوري خبر آهي ڪٿي سائينءَ "ارشد" جي شخصيت، فڪر ۽ فن. ته ڪٿي وري منهنجو ننڍڙو قلم ۽ مان...!!

ڏسڻ وارن ضرور ڏٺو هوندو ته سائين "ارشد" تن جو ته سادڙو آهي. پر، سندس ويجهن ۽ ساٿس ملڻ وارن ضرور محسوس ڪيو هوندو ته هُو من جو به سادڙو انسان آهي. اها ڳالهه صرف مان نه ٿو چوان. پر سائين "ارشد" پاڻ پنهنجي شاعراڻي ٻوليءَ ۾ به ان جو اعتراف هن ريت ڪيو آهي:

"ارشد" نالي دوست اسان جو سادو ماڻهو هوندو هو
روپ نگر ۾ گم ٿي ويو آ، جنهن جي ڳولا جاري آ.

هي تن ۽ من جو سادو انسان ڪنهن سان به من ۾ ميرُ، دشمني يا عداوت ڪونه ٿو رکي. جيڪي پڙهڻ لاءِ ملندو سو پڙهبو ۽ جيڪي چوڻ لاءِ چوڻو هوندو سو صفا سادڙن ۽ سليس ۽ آسان لفظن ۾، بنا ڪنهن ٺاهه ٺوهه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پر، هونئن گهٽو ڪري سائين "ارشد" ڳالهائڻ کان وڌيڪ ٻڌڻ گهٽو پسند ڪندو آهي. بهرحال، سندس خاموش طبع ۾ وقت ۽ حالتن جا هزار داستان سمايل هوندا آهن ۽ سندس بي زباني بہ زبان ٻڌجي پوندي آهي.

چوڻ وارا چون ٿا تہ سائين "ارشد"، سائين جي. ايم. سيد ۽ ڪن ٻين صوفين سان ڪچهريون ڪري تصوف ڏي راغب ٿيو ۽ ڪميونسٽ لٽريچر جو گهرو مطالعو ڪيائين. ان ڪري ان فڪر سان بہ دلچسپي اٿس. سڀ ڳالهيون ضرور پنهنجيءَ جاءِ تي سچيون، پر جيتري قدر مون کيس ڏٺو ۽ پرکيو آهي تہ مون کيس ماڻهپي واري مذهب جو حامي ڏٺو آهي. ٻين لفظن ۾ آءٌ ائين چوندس، تہ هُو مذهبي حوالي سان محبت واري مذهب جو پيروڪار آهي.

ڪنهن سان بہ ڪائنات ۾ ڪلفت نہ ٿا رکون،
مذهب اسان جو آهي، محبت خدا گواهہ.
("حامي")

محبت جي مذهب وارو سِڌو سادو مسلمانُ، مُشفق ۽ ٻهڳڻو انسانُ پنهنجي مَنَ ۾ محبت جو اڻ کٽ خزانو ڪنيو پيار ۽ پاٻوهہ سان وَنڊيندو ۽ وِرچيندو وتي. وٽس پيڙهي وچوٽيءَ جو بہ ڪو ٽيد ڪونهي: "جيڪو آيو سو اگهيو."

سُونهن ۽ سُرهاڻ جو هيءُ شيدائي، نوجوانن سان ملڻ، ڪچهريون ڪرڻ ۽ قرب ونڊڻ جو بہ ڪوڏيو آهي. چوندو آهي تہ اهي نوجوان ئي تہ قوم جي قسمت ۽ ايندڙ وقت جا اگواڻ آهن. ان ڪري ساڻن ويجهڙائي ضرور هئڻ گهرجي.

ساڻس منهنجي پهرئين ملاقات/ ڪچهري نواب شاهہ ۾ هڪ درزيءَ جي دوڪان تي پنهنجي پُٽ، ياسر جي معرفت ٿي هئي. ملڻ کان هڪ بہ ڏينهن اڳ ۾ رستي ويندي ماڻهن سان ٽِمٽار پريل هڪ سوزڪيءَ تي چِٽِ تي ويٺل ماڻهن مان ڪنهن هڪ ڏي اشارو ڪندي ياسر چيو هو تہ: "هُو ڏسو! سائين ارشد ڳوٺ تو وڃي." جلديءَ ۾ سائين "ارشد" کي تہ آءٌ چڱيءَ طرح ڪونہ ڏسي ۽ سڃاڻي سگهيو هوس. پر، ايترو ضرور محسوس ڪيو هئم، تہ سائين "ارشد" انتهائي سادگي پسند ۽ گيرب ۽ گاءٌ کان آجو انسان آهي....!!

۽ افسوس جو هڪ سُوڙ بہ دل ۾ اُپري هئم، تہ اسان جا عظمت وارا سنڌي ماڻهو ڪيتري نہ غريبائي ۽ هيٺاهين معيار واري زندگي گذاري رهيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهن ۽ اهو به احساس دل ۾ اُڀريو هئم، ته آخر اسان جي سنڌي اديبن ۽ شاعرن کي ڪڏهن سجاڳ قومن جي اديبن وارو معيار نصيب ٿيندو...!!؟

سائين "ارشد" سان پهرئين مختصر ڪچهريءَ ۾ مون ايترو ضرور محسوس ڪيو هو ته مان هڪ اهڙي انسان جي اڳيان ويٺو آهيان، جنهن جي پهچ جي پاڪر ۾ اسان سنڌي ماڻهن جي مُني صديءَ جي تاريخ سُڏڪي ۽ ساهه کڻي رهي آهي، جنهن جو هُو اکين ڏٺو شاهد آهي.

مون سائينءَ جي اُجهامندڙ اکين ۾ دُور دُور تائين سنڌي قوم کي آرپيل اوجاڳا به پڙهي ورتا هئا. بس، ان اڌ مُني ڪلاڪ واري ڪچهريءَ ۾ مون ٻيو گهڻو ڪجهه پڙهيو پرايو ته ڪونه پر ايتري خوشنصيبي ضرور حاصل ڪري ورتي هئم ته مان پنهنجي دؤر جي هڪ اهڙي اهم شخص جي سامهون ويٺو هوس، جنهن تان شخصيتون قربان ٿينديون آهن.

مان سائين "ارشد" سان ويجهو ڪونه رهيو آهيان. بس، ائين پراهين ڪڏهن ڪڏهن قسمت سان ملڻ واري محبت آهي. پر، سندس ديومالائي شخصيت کي ڏسي، ماضيءَ جي پولارن ۾ تصوراتي نيڻ نهار اُڇلائي، سائين "ارشد" کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، ته هو مون کي شاهه لطيف جي سُر رامڪليءَ جي جوڳيئڙي مان هڪ اهڙو رمتو جوڳي ئي ڀاسندو آهي، جيڪو ٻڳريءَ ۾ ٻک وجهي، احساس ساڻُ ڪري ڳليءَ ڳليءَ ۾ سنڌ، سچ ۽ سونهن جي خيرخواهيءَ جا گيت ڳائيندو پنهنجو تنُ پرڀائيندو ۽ سُجاڳيءَ جو سَنکُ وڄائيندو وتي، ۽ مون کي پڪ آهي ته ڀٽائيءَ سُهٽي به سائين "ارشد" جهڙن ماڻهن لاءِ ئي ته چيو آهي ته:

جوڳيئڙا جهان ۾، نوري ۽ ناري،
ٻري جن ٻاري، آڳ نه جيئندي ان ريءَ.
(لاڪيٽو لطيف)

ٻري ۽ ٻاريل احساسن جي روشني ڪندڙ سائين "ارشد" جي شاعري به سندس طبيعت ۽ سڀاءَ وانگر سادڙي ۽ سلوٽي آهي. سندس شاعريءَ ۾ سچ ۽ سونهن به آهي، ته سنڌ سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار ۽ اُڀار به آهي. سنڌڙيءَ سان سِڪ ۽ سڪڻ جون ڳالهيون ڪندي چوي ٿو ته:

سنڌ تون آن جند، تون آن جانِ جان ۽ جانِ من،
هر مِٺو نالو مِٺي مهراڻ تُنهنجو نانءُ آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏرتيءَ سان پنهنجي دلي وابستگيءَ ۽ دلي درد جي اڀنا جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

منهنجي پياري ڌرتي، تنهنجو درد سمايل سيني ۾،
تو سان واڳيل منهنجون سوچون شعر به تنهنجا ميرجَن ٿا.

شاعر سنڌڙيءَ سان ٿيندڙ ستمر ظريفين ۽ زيادتين جو احوال بہ هنڌ هنڌ اوريو آهي. پر، ڌارين جي دوڙ سان گڏ ڪيس پنهنجن جي بي وفائيءَ ۽ ڪارستانيءَ جي بہ شديد شڪايت آهي. ڌرتيءَ جي دانهن ڌرتيءَ کي ٿي ڏيندي شاعر چوي ٿو:

اسان کي آ پنهنجن ئي ٻوڙي ڇڏيو
اها دانهن ڌرتي! مان ڪنهن کي ڏيان.

شاعر، ڌرتيءَ ماءُ، مٺيءَ سنڌ کان دعائن جي طلب هن ريت ڪري ٿو:

مٺي سنڌ تنهنجون دُعائون کپن،
دُعائن جي سائي ۾ ئي مان جيان!

سائين "ارشد" غزل کي واقعي غزل ڪري نڀايو آهي. 'سونهن نگر' ۾ حسن ۽ عشق جون راز ۽ نياز جون ڳالهيون ئي اصلي غزل جو موضوع رهيون آهن. سائين "ارشد" بہ حسن جي حضور ۾ عشق جو تعظيمي سجدو ڪري پاڻ کي بيشڪ غزل جو شاعر ثابت ڪيو آهي. اصلي ۽ اوائلي غزل کي جيڪڏهن 'سونهن نگر' جو نالو ڏجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

"ارشد" سائينءَ جي غزلن ۾ استعمال ڪيل پياري ٻوليءَ کي پيار سان پڙهجي ٿو تہ اکين جي رستي دل ۾ لهي ويندڙ خوبصورت تصوير وانگر سندس لفظ بہ دل ۾ لهي وڃن ٿا:

ڪير وساري توکي سائين، ساهہ ۾ تُنهنجي خوشبو آ،
سوچ جي اُڀ تي تُنهنجي صورت چانڊوڪيءَ جيئن چمڪي ٿي

۽ اسان جو غزل جو سهڻو شاعر، 'سونهن نگر' جو سير ڪرڻ وڃي ٿو تہ اتي خُو پنهنجو پاڻ وڃائي ٿو ويهي:

سونهن نگر جو سير ڪرڻ لئہ شوق منجهان مان نڪتو هوس،
پاڻ سنڀالي ڪونہ سگهيس، مان پاڻ وڃائي آيو آهيان.

'سونهن نگر' ۾ پاڻ وڃائڻ واري شاعر حقيقت ۾ پاڻ وڃايو تہ ڪونهي، پر ڪنهن ماهر غواص وانگر حسن جي بحرِ عميق ۾ ٽُٻي هڻي، سونهن جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

موتي ميڙڻ جي لاءِ ڪجهه وقت پاڻ ئي پنهنجو پاڻ اوجهل ٿي ويو آهي.... پر، هُو وري پنهنجي پرينءَ سان پاڻ ئي سچي ڪري ويهي ٿو ۽ چوي ٿو:

ٺُنهنجي ليکي گم ٿي ويو هان! شهر سڄي ۾ ڳولهيو ٿئي!
تو نہ ڏٺو مان تنهنجي دل ۾ جهاتي پائي آيو هان.

'سونهن نگر' ۽ 'روپ نگر' جي شاعر جي نہ صرف سونهن ۽ روپ جي چوڌاري پنهنجي قلم ۽ خيال کي طواف ڪرايو آهي، پر هن ٻيا قومي سماجي، سياسي ۽ اصلاحي عنوان بہ پنهنجي زيرِ قلم آندا آهن.

مٽيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ناتي سان انسان جي عظمت کي عشق ارپيندي هڪ هنڌ شاعر چوي ٿو:

مٽيءَ کي مليو مانُ آهي عظيم.
هي ڌرتي هي انسان آهي عظيم.

ساڳي ئي غزل ۾ سنڌ جي پُرعزم، امر ۽ شهيد انسانن سان عقيدت ۽ محبت جي اظهار ۾ شاعر چوي ٿو:

بلاول ۽ منصور ٿي ويا امر.
سندن عزم، ايمان آهي عظيم.

سائين "ارشد" پنهنجي شاعريءَ جي حقيقت بيان ڪندي چوي ٿو تہ سندس شاعري عام يا لفاظيءَ واري شاعري نہ آهي. پر، انهيءَ ۾ دک، درد، سوز گداز ۽ نيڻن جو نُور نِچوڙيل آهي. بهرحال، پنهنجي شاعريءَ کي هُو پنهنجي زندگيءَ جو سرمايو پر عظيم سرمايو ڪوٺيندي چوي ٿو:

بہ ٽي شعر ڳوڙهن جي مَسُ سان لکيل.
حياتي جو سامان آهي عظيم.

مطلب تہ موضوع، ٻوليءَ توڙي فن جي حوالي سان شاعر پنهنجي غزل جي زمين کي سرسبز ۽ شاداب رکيو آهي. ان کان سواءِ، نيون تشبيهون، ترڪيبن جو استعمال، وِٽندڙ استعارا، اشارا ۽ محاورن ۽ پهاڪن جو استعمال نہ صرف سائين "ارشد" جي شاعريءَ جي سُونهن ۾ اضافو ڪن ٿا، پر شاعر جي محنت ۽ مهارت جي بہ ساک ڀرين ٿا.

خاص طرح سان اسان جي شاعر پنهنجي قلم جي نوڪ سان نوان، وٽندڙ ۽ ٺهڪندڙ مُرڪب لفظ جيڪي ڪاغذ جي سپرد ڪيا آهن، اُهي واقعي بہ ڏسڻ ۽ پڙهڻ وٽان آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏات ڏياتي، سونهن نگر، سوچ سنگهر، پرهه ڦٽي، روپ نگر، پاپ نگر، چاهت چٽنگ، من مندر، دل ديو ۽ اهڙا ٻيا ڪوڙ ٻٽا يا مرڪب لفظ شاعر متعارف ڪرايا آهن. جيڪي واقعي ٻوليءَ جي سونهن آهن ۽ سندس شاعريءَ جو نکار بڻجي بيٺا آهن.

سائين "ارشد" ڪي اڻ ڇهيل ۽ انوکيون تشبيهون به متعارف ڪرايون آهن.

ڏاڍو ظالم آهه زمانو زهر حياتي بڻجي وئي،
وقت جي رولر هيٺان پنهنجي آس چچرجي چيچي وئي

مٿين سٽن ۾ "زهر حياتي" ۽ "وقت جو رولر" به خوبصورت تشبيهون آيل آهن. "زهر حياتي" ته اڳ ۾ اسان ضرور ڏٺي ۽ پڙهي پر منهنجي خيال ۾ "وقت جي رولر" واري تشبيهه بلڪل ئي اڇوتي تشبيهه آهي. انهن کان سواءِ هيٺ ڏنل غزل جي سٽن ۾ به اسان کي ڪجهه پياريون ۽ نياريون تشبيهون ملن ٿيون:

سهڻي سير ۾ واڳونءَ وات،
عشق اجهل ۽ عورت ذات.

تارن ڏڪڻي، زخمي چنڊ،
ڪٽجي، ٻرٽي ڪاري رات.

سونَ سريکا، سپنا ننڊ،
مانا جذبا، ڏمريل ذات.

مٿين سٽن ۾ تشبيهن سان گڏ ڪجهه خوبتر استعارا به پنهنجي خوبصورتيءَ سان نمايان نظر اچن ٿا. انهيءَ کان سواءِ، هن شاعريءَ جي ڪتاب جي هيٺ سِٽ ۾ سهڻيون تشبيهون ۽ تمثيلون اسان جو توجهه ضرور طلب ڪن ٿيون.

سوچ جو آپ، چيٽ جون چانڊوڪيون، فطرت جو غزل، روح جو صحرا، تنهائيءَ جي ڪولي، دل جو ديوتا ۽ زندگيءَ جا زلف وغيره.

اڳ ۾ مون سائين "ارشد" کي ماڻهپي ۽ محبت جي مذهب جو پيروڪار ڪوٺيو آهي پر هاڻي پوري اعتماد سان پنهنجي ئي ڳالهه ورجايان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سائين "ارشد" پنهنجي عملي زندگيءَ جي اڌ صديءَ جو سفر، رياض، تجربن ۽ تجزين جي نچوڙمان نظرياتي يا مذهبي طور صوفيءَ واري مسلڪ ۽ طريقي کي پسند ڪري پنهنجو ڪيو آهي. چاڪاڻ ته ڪيس صوفيءَ جي مذهب ۾ پيار ۽ مُلي جي مذهب ۾ تڪرار ئي تڪرار نظر اچي ٿو:

ماٺيوءَ، ماٺيوءَ سان ئي پيار
پيار جياپي جو جنسار.
پيار امرتا صوفيءَ وٽ،
مذهب مُلان جو تڪرار.

انهيءَ حوالي سان سائين "ارشد" جون وايون ۽ ڪافيون تصوف ۽ صوفيت جي فڪر جو چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چٽو اظهار ۽ اُپٽار آهن.
توڙي جو اڄ جي نمائشي صوفيءَ ۽ اڳوڻن سچ لاءِ سِرُ ڏيندڙ سچن صوفين جي فڪر ۽ عمل ۾ ڏينهن ۽ رات جو فرق آهي، پر پوءِ به شاعر کي فرقي پرست ۽ نفرت ورچيندڙ مُلي ڪان صوفيءَ جو رستو هموار نظر اچي ٿو.
شاهه عنايت شهيد، بلاول، منصور سرمد ۽ ساميءَ، لطيف ۽ سچل جي پيچري جو پانڌيئڙو سائين "ارشد" ٻه ٻين سرموڙ صوفين وانگر انهن واروئي حق جو هوڪو ڏيندي حضرت عشق کي پنهنجو امام ڪوٺي، صورت کي سجدي واري الستي آلاپ کي پنهنجي من ونجليءَ مان وڄائي، هن ريت وائڪو ٿو ڪري:

عشق اسان جو پيش امام
صورت کي ئي سجدو آهي.
آدم سارو سِرُ الاهي،
صورت مظهر، صورت مام
صورت کي ئي سجدو آهي.

هڪ ٻي وائيءَ ۾ وري شاعر سڏو سنئون، منصور ۽ سچل وارو "انا الحق" جو نعرو هڻي، نروار ڪري ٻاڻ کي صوفين سڳورن جي صف ۾ آڻي بيهاري ٿو:

حق انا الحق الا او
صورت صورت منجهه سمايو.
ٻاڻ وڄائي ٻاڻُ سُڃاتو
لاهي دل جو شڪ الا هو
صورت صورت، منجهه سمايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مسجد، مندر، ڪعبي، گرجا،
هڪ حقيقي حق الا او
صورت صورت منجھ سمايو.

بهرحال، آخر ۾ آءٌ پنهنجي هن ڏياوان ڏات ڏٺي، صاف دل سچي انسان ۽ سر رامڪليءَ جي رمتي جوڳيءَ ڪي ۽ سندس ڏات ڪي نيڪ تمنائون ارپيندي ائين چوندس ته سندس شاعريءَ واري گودڙي شال هميشه علم ۽ ادب جا گوهر هيرا لال هزاري سنڌي ٻولي کي ارپيندو رهي.

حال آهر جي مليا لفظ سي "حاميءَ" چيا،
ورنه پنهنجي دل جي پوري ترجماني ڪين آ.
("حامي")

17 آگسٽ 2010ع
ڪشمير ڪالوني،
ڪراچي، سنڌ

مقصود گل



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# وِھُہ ماکي جي ڪَڻِ

’سقراط‘ جيڪو زھر جو پيالو پيتو ھو اُھو صرف تاريخ جي وڏن ڪتابن ۾ مُفيد ناھي رھيو پر ادب جو ھر سپاھي ۽ آرٽ جو ھر مُوجد اُن زھر جي اثر کي پنھنجي ذات ۾ زنده رکيو تو اچي. شاھ عبداللطيف ﷫ فرمايو آھي تہ:

قاتلُ ڪمائي ڪري، وِھُہ ماکي جي ڪَڻِ،
وٽان ويھي ٿِنِ، پِيچُ ڪي پياليون.
(شاھ)

اڄ جنھن منھنجي محسن ۽ ادبي استاد تي مون کي لکڻ جو موقعو مليو آھي، آءٌ ڪڏھن بہ ڪنھن لکڻيءَ ۾ سندس شخصيت جو مڪمل احوال سمائڻ جي سھپ نہ ٿو رکان. ڇو تہ ان گوناگون شخصيت جو نالو سائين عبدالحڪيم "ارشد" آھي.

عبدالحڪيم "ارشد" جو جنم ھڪ مذھبي گھراڻي ۾ ٿيو. پاڻ اسلامي فلسفي جي زير زبر کان مڪمل طرح سان واقف ھو. سندس ابتدائي تعليم پير جھنڊي واري مدرسي ۾ ٿي، جتي ويھين صديءَ جو وڏو صوفي شاعر، پير محي الدين شاھ "اعجاز" راشدي سندس دوست ھو. عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم انھيءَ پير جھنڊي واري مدرسي مان حاصل ڪيائين. جتي فارسي ادب جي اعليٰ شاعرن ـ "حافظ"، "رومي"، "جامي"، "فردوسي" ۽ "سعدي" وغيره کي انتھائي توجھہ سان پڙھيائين. ايراني فلسفي کي پڻ تدريس ۾ پڙھيائين ۽ ان ۾ وڏي دسترس حاصل ڪيائين. قرة العين طاھره، ابن عربي، ابن خلدون ۽ عروسي وغيره بہ سندس مطالعي ھيٺ آيا. اسلام جي مختلف فقھن جو پڻ گھرو مطالعو ڪيائين. خصوصاً غلام جيلاني "برق" جي ڪتابن کي غور سان مطالعي ھيٺ آندائين. غلام احمد "پرويز" جي تعليمات، واعظن، ليڪچرن ۽ روبرو ڪچھرين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ پڻ شريڪ رهيو. ان سموري فڪري اوسر, عبدالحڪيم "ارشد" ۾ دانشمندي پيدا ڪئي ۽ هين صديءَ جي ڪميونسٽ فلسفي کي نه صرف پڙهيائين, بلڪ ان ۾ دلچسپي پڻ رهيس. خاص ڪري جڏهن پاڻ ڪراچيءَ ۾ رهيو ۽ اردو - سنڌي مصنفن سان لهه وچڙ ۾ هئو ته اُن وقت نورالدين سرڪي, شمشير الحيدري, قمر شهباز امر جليل, تاج بلوچ ۽ ٻين سان ترقي پسند ادب واريءَ تحريڪ ۾ مُتحرڪ رهيو. ان دوران ڪميونزم سندس گوڙهي مطالعي هيٺ رهيو.

'سنڌي ادبي سنگت' جي حوالي سان عبدالحڪيم "ارشد" ڪراچي, نواب شاهه ۽ سڪرنڊ ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. نواب شاهه ۾ "ضياءُ" خياروي, "بردو" سنڌي ۽ "نُور" عباسي سندس هم خيال ۽ سنگتي هئا, جيڪي پڻ پنهنجي تخليقن متعلق سندس راءِ کي حتمي قرار ڏيندا هئا. پيشي جي لحاظ کان "ارشد" صاحب عربي ۽ فارسيءَ جو استاد رهيو آهي. مطلب ته ڪتابن سان سندس سڄي زندگيءَ جو واهپو ۽ ياري رهي.

سنڌي ادبي سنگت, سڪرنڊ شاخ پڻ عبدالحڪيم "ارشد" جو ئي ادبي حلقو آهي. گل محمد چنا, عبدالله مگسي, "خاڪي" جويو, مير محمد پيرزادو, "تاج" جويو, علي خان چانڊيو, لطيف پيرزادو, حاجي خان ڪيريو ۽ موجوده سنڌي ادبي سنگت جي ميمبرن - مانڪ ملاح, "سائل" پيرزادو, سرور ڪيريو, محمد صديق منگيو ۽ مون سميت سڀني دوستن سان "ارشد" صاحب جو انتهائي شفيق ۽ دوستانه رويو آهي. "ارشد" صاحب ڪڏهن به ايج فيڪٽر (Age Factor) کي سامهون ناهي رکيو. ڪڏهن به پنهنجي علميت جي گهمنڊ ۾ نه آيو آهي. پاڻ انتهائي سباجهو مخلص ۽ ڪتابن ۾ لڪيل اورچ ڪردارن جهڙو انسان آهي. افسوس ۽ صد افسوس! جو هن مُلڪ, جنهن ۾ اسين رهون ٿا, اهڙن انسانن جو قدر نه ڪيو ويو آهي. نئين ٽهيءَ جي اوسر ۾ عبدالحڪيم "ارشد" جو انتهائي اهم ڪردار آهي.

سندس شاعريءَ جا نقطا پڙهي, اسان زندگيءَ جو سبق پرايو آهي. سندس شاعريءَ جا به زاويا (Phase) آهن. هڪڙو رومانوي ۽ ٻيو انقلابي ۽ قومي. سندس شاعريءَ جي ٻنهي زاوين ۾ زندگيءَ جو درس آهي. پاڻ اسان کي مايوسين مان ٻاهر ڪڍڻ جو درس ڏنو اٿائين. اڄ جڏهن هن ڪتاب تي ڪجهه اکر لکڻ جو موقعو مليو آهي, ته دل گهٽو ٿي ٿي چوي ته اجهان لکجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ليڪن، اُن خواهش جي تڪميل لاءِ ڪي مجبوريون حائل آهن. بهرحال، سندس شاعريءَ تي مُفصل نموني ۾ جلد راءِ ڏبي. هتي پڄاڻيءَ جيءِ اِن سٽ سان پنهنجي لکڻيءَ کي پورو ڪندس تہ:

تان مون هِنيُون سُڏير، جان تون جوڳي جوءِ ۾
(شاهہ)

15 آگسٽ 2009ع
سکرنڊ، سنڌ

رحمت الله پيرزادو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# نئين نسل جو سُونهون: سائين "ارشد"!

هُو جنهن سنڌ کي پنهنجو ڪعبو قبلو سمجهيو جنهن کي انقلابي سوچ رکندڙ مزاحمتي شاعر بہ سمجهيو وڃي ٿو. جنهن جي شاعريءَ ۾ جوش ۽ جذبو سدائين جوان نظر ايندو. توڙي جو هن جي جيون جو سِجُ سانجهيءَ ويلي اچي پهتو آهي. هُو منهنجو فڪري پيءُ ۽ ادبي استاد بہ آهي. جنهن مون کي هميشہ پنهنجن پُٽن سليم ۽ راشد جيان پاليو آهي. جنهن جي قرب منجهان مون گهڻو پرايو ۽ حاصل ڪيو آهي. جنهن جا خط منهنجي حياتيءَ جو حاصل آهن. جن کي جڏهن بہ پڙهندو آهيان, تڏهن اُنهن مان اُتساھ حاصل ڪندو آهيان. هُو مون سان زندگيءَ جا ڏُک ۽ درد وَنڊيندو ۽ وِرهائيندو آهي. هن سان منهنجو جنم جنم جو ناتو آهي. هن سان گڏ گهاريل گهڙيون منهنجي جيون جون انمول, اثرائتيون ۽ لاپائتيون گهڙيون آهن. انهن ئي گڏ گهاريل گهڙين منجهان هڪ عام اصغر خاصخيلي مان اصغر "تنها" شاعر بڻيو آهيان. هن کي جڏهن "بابا" چئي مخاطب ٿيندو آهيان, تہ هُو منهنجي لاءِ سچ پچ تہ سراپا محبت جو مينار بڻجي ويندو آهي. اها مهان هستي, سائين عبدالحڪيم "ارشد" جي آهي.

"ارشد" جذباتي ۽ حساس شاعر آهي. "ارشد" جو دردُ ڌرتيءَ جو دردُ آهي. ڌرتيءَ جو درد "ارشد" جو آهي. بنيادي طور رومانس جو شاعر هوندي بہ هُن انقلابي ۽ سماجي ذميدارين کان ڪڏهن بہ ڪنڌ ڪونہ ڪڍايو آهي.

سائين "ارشد" ان دؤر ۾ شاعري ڪئي, جنهن دؤر ۾ سنڌ جو نانءُ وٺڻ ڪاريهر تي پير پوڻ جي برابر هو. سندس ڪتاب "ڏيئا ڏات جا" ان دؤر ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو جيڪو آمريت جو دؤر هو. اُن ڪتاب ماڻهن ۾ شعور سجاڳي, انقلابي سوچ ۽ بيداري پيدا ڪئي. اڄ بہ جهڙوڪر ساڳيون حالتون آهن. بک, بد امني, بيروزگاري بدڪاري عروج تي آهي. عوام کي اٽي جي ڪري هر روز لئين جو مُنهن تو ڏسڻو پوي

سائين "ارشد" جو ساٿ ۽ رهنمائي مون کي تڏهن نصيب ٿي, جڏهن مان اندر ئي اندر پچي پُري رهيو هوس. تڏهن هُن منهنجي چِڙ وِچِڙ وجود کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يڪجاءِ ڪري معني خيز بڻايو. مون کي ان ڳالهه تي هميشه فخر رهندو جو هيڏي مهان ڪويءَ جي صحبت ۽ محبت نصيب ٿي. هُن سان گڏ ڪيترن ئي ادبي سفرن ۽ گڏجاڻين ۾ گڏ رهڻ جو موقعو مليو. سچ پچ ته مان اڄ پاڻ کي وڏو خوشنصيب تو محسوس ڪريان. ڇاڪاڻ ته مان هڪ ننڍڙو ۽ ادني انسانُ سائينءَ جي وشال شخصيت تي ڪجهه لکي رهيو آهيان. جيڪا مون لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ ڳالهه ڪونهي.

سائين "ارشد" عظيم انسانُ آهي ۽ سندس شاعري عظمت جو مينار آهي. سندس سموري زندگي ماڻهن لاءِ مرڪ ۽ محبتن جي جاکوڙ ڪندي گذري آهي. خدا کيس وڏي عمر عطا ڪريءِ ته جيئن هو سُڌڪندڙ سنڌ کي گيتن جا گلدستا آرپيندو رهي!

سنڌي ادبي سنگت سڪرنڊ جي بنيادي ميمبرن مان "خاڪي" جويي. "تاج" جويي. مير محمد پيرزادي ۽ عبدالحڪيم "ارشد" جيڪا لاٽ ٻاري، اسان به اُنَ لاٽ جي شعاع جي ڪڙي آهيون.

سائين "ارشد" سموري نئين نسل جي سونهن آهي. جنهن منجهان اسان گهڻو ڪجهه پرايو آهي اڃا به اسان کي گهڻو پرائڻ گهرجي.

سائين "ارشد" ڪڏهن به پاڻ کي پڏائي. وڏي شاعر هئڻ جي دعوي نه ڪئي آهي. ڪڏهن به ويڪائو ٿي، پنهنجي عظيم آدرشن تان دستبردار نه ٿيو آهي.

شاعريءَ جي حوالي سان. سائين "ارشد" پوريءَ سنڌ ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿو. اڄوڪي سنڌ کي سندس شاعريءَ جي سخت ضرورت آهي.

سائين "ارشد" جي ڪتاب "ڏيئا ذات جا" جو غزل، جنهن عوام ۾ پذيرائي حاصل ڪئي. ان غزل "چوري چوري ڪوئي ڪنهن سان نيڻ ملايون ويٺو آ" مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

سائين "ارشد" جو هيءُ ڪتاب "ٽِڙل عڪسَ سُونهن جا" مڪمل رومانوي شاعريءَ تي مشتمل آهي. مٿئين غزل وانگر انيڪ خوبصورت احساس پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪندا.

هونئن ته سائين سنڌ جي هڪ مزاحمتي شاعر جي حيثيت ۾ مڃتا ماڻي چڪو آهي، پر سندس خوبصورت رومانوي شاعري به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جنهن جو واضح ثبوت سندس هيءُ ڪتاب "ٽِڙل عڪسَ سُونهن جا" آهي.

اصغر "تنها"

30 آگسٽ 2009ع
ڳوٺ پنهل خان چانديو
سڪرنڊ. سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سائين ”ارشد“: گهاتي ٻڙ جي ڇانوَ...!

اڄ جڏهن هماليه کان به اڏول شخصيت، سائين عبدالحڪيم "ارشد" تي ٻه اکر لکڻ ويٺو آهيان، ته مان گهري سوچ ۾ پئجي ويو آهيان، ته ڪيتي هيڏي وڏي علمي ۽ ادبي شخصيت ۽ ڪٿي وري مون جهڙو ٻي علم ماڻهو... ڇا چوان!؟

سائين "ارشد" اسان جي سنڌ جي سينئر اديبن، شاعرن ۽ ادب دوست ماڻهن لاءِ، خاص طور تي نوجوانن لاءِ، هڪ وڏو اُستاد ۽ گهاٽي ٻڙ جي ڇانو وانگر آهي. سائين "ارشد" جڏهن نوجوانن سان ملندو آهي، ته ڏاڍي خوشي محسوس ڪندو آهي. سائين! نوجوانن جي نيٽڻ ۾ مستقبل جي نئين سنڌ جي پسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سائينءَ سان ڪچهري ڪندي ائين محسوس ٿيندو آهي، ته ڄڻ ڪنهن هڪ جيڏي سان ڪچهري ڪري رهيا آهيون. سائين عبدالحڪيم "ارشد" طبيعتاً هڪ انقلابي ، سيلاني، فقير، سادو سنت، منو ۽ نماڻو سياڻ رکندڙ صوفي منش مزاج انسان آهي.

سائين "ارشد" پهريون پيرو ڪنهن دوست کان منهنجو موبائل نمبر هٿ ڪري مون سان فون تي ڳالهايو. چيائين ته، "امداد! آءٌ توکي سنڌي ادب سنگت، شاخ نواب شاهه جي سيڪريٽري ٿيڻ تي ڪاٻه مبارڪ نه ڏيندس، ڇو ته اها هڪ وڏي اهم ذميواري آهي، جيڪا تو پنهنجي ڪلهن تي کنئي آهي. هاڻ توکي ان ذميواريءَ کي چڱيءَ ريت نڀائڻو پوندو. توکي انهن دوستن ڏانهن به وڃڻو پوندو جيڪي توکي نه ٿا وڻن يا توکان ناراض آهن."

سائين عبدالحڪيم "ارشد" جي انهيءَ مٿئينءَ تجويز کي حڪم سمجهندي ٻئي ڏينهن ئي رٺل ۽ ناراض دوستن کي پرچائڻ نڪري پيس...!!

سندس انهن جملن مون کي سائينءَ لاءِ تمام گهڻو احسانمند ۽ سنڌي ادبي سنگت لاءِ نهايت ذميوار بڻائي ڇڏيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سائين عبدالحڪيم "ارشد" سان منهنجي پهرين ملاقات ناماري شاعر "وسيم" سومري معرفت ٿي. ڪيس ڏسڻ سان لطيف سرڪار جو هيءُ بيت ذهن تي تري اچي ٿو:

پکي سڀ مڇن، هنج مڙيوئي ڏهرا.

(شاهه)

مزاحمتي ۽ انقلابي شاعري سائين عبدالحڪيم "ارشد" جي اصل سڃاڻپ آهي. پر، جڏهن به سائينءَ جو قلم محبت جي ماڻن، محبوب جي ناز نخرن ۽ وفا، جفا ۽ سزا بابت ڪجهيو آ، ته خوب لکيو آ. "ٿُلَ عڪسُ سُونهن جا" محبت جي انمول روين جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو.

منور سراج، سنڌ جو مشهور ڪهاڻيڪار ۽ سٺو دوست آهي. سندس ڪهاڻيءَ جو هڪ ڊائلاگ ياد ٿو اچيم ته: "مون ته سوچيو هو ته تون مٽي بڻيءَ وانگر مون لاءِ ڀري به هوندين ۽ ڳري به هوندين. پر، افسوس ته ڳريس به مان ۽ ڀريس به مان." سائين "ارشد"! سنڌ جي سون ورني ڌرتيءَ لاءِ پاڻ ڪي نه رڳو ڳاريو آهي، بلڪ پاڻ کي ڀاريو به آهي.

10 سيپٽمبر 2009ع

امداد رند

سيڪريٽري

سنڌي ادبي سنگت، نواب شاهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# غزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عشق اَلستي سين هنئي آ، حُسن اجا انڪاري آ،
عشق حسن جو رِشتو "ارشد"! بنجي ويو تڪراري آ.

مُندَ بهاري، بُوندا باري، موسم پياري پياري آ،
هاءِ! ويچاري اڄ ـ مُئل دل، ڏُکَ نہ ڪا دلداري آ.

ڪيئن تي گذري تو بن پيارا! هيءَ حياتي هاڻ؟
ڏينهن جو ڳوڙهي چپن تي مرڪ، رُئندي رات گذاري آ.

تو کان پوءِ اي دوست! اسان کي تنهائي جو ٿيو احساس،
گهايل گهايل ويڳاڻي ۽ وياڪل دل ويچاري آ.

عشق نہ آسانُ سمجهو سائين! عشق نہ شهزادن جو شوق،
جنجل جهوري، ڳُڙتي لوري، توبهہ توبهہ زاري آ.

رات اسان سان ڏات جو پرتي، پرچي ويو جڻ روحُ رُئل،
اندر جو آلاپُ ٻُڌو مون، سِرجيو سُر ڪوهياري آ.

هيل اسان وٽ ڪوتا آئي، نينهن جو نئون سنديش کڻي،
دل جي ويران ڪنڊر ۾ مون، ڏات ـ ڏياتي ٻاري آ.

منڙا ماڻهو! ويهہ تہ سامهون، هر هر توڏي آءُ ڏسان،
سهڻا ماڻهو ٻيا بہ گهڻا، پر تنهنجي صورت پياري آ.

"ارشد" نالي دوست اسان جو سادو ماڻهو هوندو هو
روپ نگر ۾ گم ٿي ويو آ، جنهن جي ڳولا جاري آ.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيار جون راهون شاهد آهن، نينهن نڀائي آيو هان،
قدم قدم تي ديپ وفا جا آءٌ جلائي آيو هان.

منهنجا سائين! تنهنجيءَ بدناميءَ جو ئي خوف اٿم،
چوريءَ چوريءَ تڏهن تو وٽ پاڻ لڪائي آيو هان.

چؤ تہ ڪلو مون جا چا ناهي، پيارا تنهنجي پيار اندر
پاڻ کي ڳاريءَ ماريءَ ساڙيءَ جان جلائي آيو هان.

هاءِ جدائي! ڪربِ اذيت، مون کي تنهنجو رهندو ياد،
باھہ ۾ جڻ مان ٻيهي پنهنجو روح رِجائي آيو هان.

مٺڙا ماٺهوا! هي جا مون وٽ امرت آهي، تون پي پيءُ،
تنهنجو منهنجو حصو هِنَ ۾ آءٌ ملائي آيو هان.

سونهن شهر جو سير ڪرڻ لئہ شوق منجهان جان نڪتو هوس
پاڻ سنڀالي ڪين سگهيس، مان پاڻ وڃائي آيو هان.

تنهنجي ليکي گم ٿي ويو هان، شهر سڄي ۾ ڳوليو ٿئي،
تو نہ ڏٺو مان تنهنجي دل ۾ جهاتي پائي آيو هان.

مان تہ اهوئي "ارشد" آهيان، تون بہ سڃاڻي ڪين سگهئين،
سالن کان پوءِ، شهر ۾ تنهنجي روپ مٽائي آيو هان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وقت ڦري ٿو جڏهن "ارشد!" تون بہ بدلجي ويندو آن.
عام شڪايت تو ڪان آهي، ساٿ نہ ڪنهن جو ڏيندو آن.

تڏهن توکي ياد ڪندا هن، تنهنجا ساٿي شدت سان.
گمنامين جي غارن ۾، تون جڏهن گم ٿي ويندو آن.

منهنجي دل جي آئيني تي، تنهنجي صورت آهہ چٽيل،
مون کان ڏاڍو ڏور رهي پيو، ويتر ويجهو ٿيندو آن.

مون تہ ٻڌو آ، تنهائيءَ ۾ اڪثر مون کي سارين ٿو
هي بہ ٻڌو تہ شوق سان منهنجا، گيت بہ تون ڳائيندو آن.

تنهائيءَ جي کوليءَ ۾ تو پنهنجي پاڇي کان بہ ڊڄين،
سياڻا ماڻهو! ڪڏهن ڪڏهن، ڪيڏو وهمي ٿيندو آن.

ايڏو آهين سنجيدو ڇو؟ اڪثر گم سم رهندو آن.
پاڻ تان پردو لاهہ ڪٿي، ڇئو ڪنهن کي تون چاهيندو آن.

تن ئي ماڻهن موت ۾ توکي، پٿر آهن پيش ڪيا،
پيار منجهان پاٻوهہ منجهان، تون جن کي گل آڇيندو آن

منهنجي هٿ سان هٿ ملائي، تو تہ چيو هو: تنهنجو هان.
هاڻ وري ڇو؟ سامهون ايندي، واٽ ڦٽائي ويندو آن.

تو تہ چيو هو "ارشد" سائينءَ، هاڻ نہ هرگز ملنداسين.
پوءِ ڀلا ڇو؟ سپنن ۾ تون، اڪثر مون وٽ ايندو آن.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن ڪان پيو تنهنجي نظرن تان بہ ڪري چا آهہ ٿيو؟
"ارشد" تنهنجي سونهن جو شاعر، در در رُسوا آهہ ٿيو.

سچ نہ ڪاري؛ هيٺ لڪي خوشبو ڪڏهن تيد نہ ٿي،
پيار لڪائڻ ڪان نہ لڪي هي راز بہ افشا آهہ ٿيو.

تنهنجي منهنجي پيار جو چرچو شهر سڄي ۾ پکڙجي ويو
ڳالهہ ڳري تي وئي آ، ڪيڏو شور ۽ غوغا آهہ ٿيو.

هاڻ! زمانا ديوانن لاءِ تنهنجو ساڳيو آ دستور
پيار جون راهون جنهن پي ورتيون، ٽُڪرا ٽُڪرا آهہ ٿيو.

تنهنجون اکڙيون ڳالهائن ٿيون، تنهنجي منهن تي آهہ لکيل،
ڪوئي آهي، جنهن سان تنهنجو پيار تہ پيارا! آهہ ٿيو.

رات ڏٺي مون ڪيڏي پياري سُندر صورت سپني ۾،
يارؤ! ناهيان هوش ۾ هاڻي، ناهہ خبر، چا آهہ ٿيو؟

آءُ ازل کان آهيان اڪيلو، سوچيم سُرڳون پيارينديون،
تنهنجي دل جو درياهہ مون لاءِ ثابت صحرا آهہ ٿيو.

پيو تہ ٺهيو پر هيءَ خبر اخبارن ۾ پي ڪين ڇپي،
ڏينهن ڏٺي جو سُونهن شهر ۾ "ارشد" اغوا آهہ ٿيو.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجا پرديسي پرين! واڳون ڌرڻ جون هاڻ وار،
سال سڪندي ويا لنگهي، پر تون لهين ٿو ڪين سار.

اڄ دلِ حسرت زده ۾ تنهنجي آئي ياد يارا!
اڄ اکين مان خون جا ڳوڙها ٿا ٽپڪن زار زار.

وحشتِ جوشِ جنون آ، مون کي پهچايو ڪٿي؟
ڏس تہ سينو چاڪ آهي، آ گريبان تار تار.

لذتِ دردِ محبت جو ڪيان ڪهڙو بيان؟
عشق جي صدمن ۾ دل کي، ٿو ملي ڪيڏو قرار.

چنڊ سان اي دوستا! ڪيئن تشبيهه تنهنجي مان ڏيان؟
حُسن تنهنجو آ پرين! بي داغ، پر هُو داغدار.

مان ڪيان تنهنجي شڪايت، آهه منهنجي ڇا مجال؟
مون تي آهن لک ميارون، يارا پر تون بي ميار.

ڪيترا ارمان "ارشد"! دفن دل ۾ ٿي ويا،
مان ٿو سوچيان منهنجي دل آ، جڻ غمن جي هڪ مزار.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محبت ۾ تڏهن انسان، ٿئي مجبورُ ٿو يارو!
جڏهن نزديڪ هوندي پي، رهي ڪو ڏورُ ٿو يارو!

زبان خاموش آ، رت ٿو رُئان، دل پٺي سڙي منهنجي،
اوهان کي ڇا خبر؟ ڪيڏو رهان رنجورُ ٿو يارو!

خبر ناهي تہ هي ڳوڙها، ڪڏهن پٿر کي ڳاريندا؟
اڃان هر سنگدل، سرڪش، رهي مغرورُ ٿو يارو!

جڏهن تقدير جو تارو اڇي ويندو آ گردش ۾
تڏهن خود پنهنجو پاڇو پي، وڃي وهلورُ ٿو يارو!

اڪيلائپ، اُداسي، غم، الم جهوري جدائي ٿي،
مليا جي روح کي صدما، ڪيان منظور ٿو يارو!

وسامي جوت وئي دل جي، تہ چانڊوڪي نہ ٿي ڪهرجي،
وَسائي چنڊُ ڌرتيءَ تي، نسورو نُورُ ٿو يارو!

گهٽا ٿي ڏينهن پيتوسين ۽ ڳايوسين، وڄايوسين،
هٿن سان ساز ۽ ساغر، ڪيان اڄ چُورُ ٿو يارو!

وڃي واپس ٿو وڻجارو دنيا وارئو خدا حافظ!
اوهان جي ديس کان هاڻي، وڃان مان ڏُورُ ٿو يارو!

جدائيءَ جون گهڙيون "ارشد"! قيامت کان ڪڙيون آهن،
ٿتائي روح کي ويتر، پرينءَ جو پُورُ ٿو يارو!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪجهہ خوشيءَ جا، ڪجهہ غمن جا، ڏينهن گهاري ٿو وڃان،
زندگي هر حال ۾ پنهنجي گذاري ٿو وڃان!

جيستائين دم هيو تنهنجو ڪيو مون انتظار
ويندي ويندي پي پرين! توکي پُڪاري ٿو وڃان!

زندگي! تنهنجا مڃان احسان ڪهڙا پاڻ تي؟
چند گهوڙها ئي ڏنا تو سي بہ هاري ٿو وڃان!

ڏک ڏنا مون، سور سهٽا پيا سوين، پر، دوستو!
زندگيءَ جا زلف پيچيده سنواري ٿو وڃان!

مان وڃان ٿو پر نہ هرگز تون رهي سگهندين رقيب!
باھ هن پنيور ۾ اهڙي تہ ٻاري ٿو وڃان!

اي عزيزو! يار کي منهنجو ڏجو پيغام هي،
تو وساريو مان مرڻ تائين بہ ساري ٿو وڃان!

موت آيو پر نہ آئين دوستا! هائي الوداع،
تنهنجي گهٽين ۾ ئي "ارشد"! دل کي ڳاري ٿو وڃان!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"**ارشد**"! ڪنهن سان پيار نہ ڪر، جي پيار ڪندين پڇتائيندين،
سوچ ـ ڪٺاهيءَ ڪڙهندي ڪڙهندي، پنهنجو جيءُ جلائيندين.

پٿر جي هن ديس ۾ پيارا! ڪوڙ نہ ڏيندو تنهنجو ساٿ؟
ڪنهن سان اندر اوريندين تون، ڪنهن کي سُور سُڻائيندين؟

ڏاڍا ماڻهو ذات نہ ڄاڻن، بندش هيٺ آ گيت سنگيت،
ڦاهيءَ ڦندي ٽنگبين تون، جي گيت وفا جو ڳائيندين!

جهونا ڳَڙهہ ۾ چريا چارڻ! هاڻ نہ آ ڪو راءِ ڏياچ،
سازَ صدائون ڪوڙ نہ سمجهي، پنهنجو سِرُ ڪٽائيندين؟

موتي وڃ، تون موتي وڃ، او وڻجارا! تون موتي وڃ،
موتي جن کي پيش ڪندين تون، پٿر تن کان کائيندين!

ماکيءَ کان پي مٺڙا ماڻهو چنڊ کان سهڻو تنهنجو روپ،
سُونهن مان پنهنجي سُرڪ پياريءَ منهنجي اُڃ اُجهائيندين؟

نينهن نگر جون وندر واٽون، ڪيئن اڪيلي سر ڪٽبيون،
پاپ نگر جا سُور سنياريءَ ڪهڙا پُور پڇائيندين؟

تنجي ويِيون شهر وفا جون، ريتون رسمون "**ارشد**" يار!
ويتر سي ٿي روح ڦٽيندءِ، جن سان نينهن نڀائيندين.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خدا ڄاڻي! اوهان ڪان پوءِ دل جو حال ڇا ٿيندو؟
جدائيءَ جون گهڙيون تو ڪان سواءِ مان ڪيئن گذاريندس؟

اوهان ڪان پوءِ ميخاني تي ويندي ڇانئجي اوندهه،
ٺُڪر هوندو پيالو ۽ نه ڪي پيئندس، نه پياريندس.

محبت راز هئي، سو راز دل ۾ راز ٿي رهندي،
سِيني ۾ ساهه آ جيسين، نه توکي مان وساريندس.

لائي لوڪ ڪان جيئندس، سنڌ تصوير اکڙين ۾،
سنڌ جي ياد پئي آئي، ته مان روئي گذاريندس.

پري محفل ۾ پلجي پئي نه تنهنجي ڳالهه ڇيڙيندس،
مگر خاموش تنهائين ۾ توکي مان پڪاريندس.

اڪيون پنهنجيون ڪڏي ڪانگن کي ڏيندس هاڻ مان "ارشد"!
پرينءَ ڪان پوءِ هرگز ڪين ڪنهن ٻئي ڏي نهاريندس.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سالن کان پوءِ ڏات آ پرتي، سوچ اُها ئي سرجي وئي!
هاڻ غزل جي صورت ۾ ئي، ڳالهه پرينءَ جي لکجي وئي!

ڪير وساري توکي سائين! ساهه ۾ تنهنجي خوشبو آ،
سوچ جي اُڀ تي تنهنجي صورت، چانڊوڪيءَ جيئن چمڪي وئي!

تنهنجي سامهون پاڻ وساري پاڻ مان ايڏو ڪر تي ويس،
ڳالهه ڪرڻ ٿي چاهيم جيڪا، ڳالهه اُها ئي وسري وئي!

شهر سڄي ۾ چرچو آهي، تنهنجي منهنجي ياريءَ جو
ڳالهه نہ جيڪا ڪرڻي هئي، سا ڳالهه اسان کان نڪري وئي!

ڏاڍو ظالم آهه زمانو زهر حياتي بنجي ويئي،
وقت جي رولر هيٺان پنهنجي آس چچرجي، چپجي وئي!

سمنڊ ڪناري سُونهن ڏٺي سين، سُونهن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟
هوءَ نظر تان کِسڪي وئي، پر صورت دل تي چٽجي وئي!

سونهن شهر ۾ شهزادين جو هُونئن تہ ڪوئي ڪالُ نہ هو
تو سان اکڙيون آڪي ويئون، بيوس دلڙي ڇڪجي وئي!

شهر جي چورن قاسائڻ لاءِ چار سُنهري آندا هئا،
چوري ناهڙ ڀهراڙيءَ جي، سمجهي ويئي، کِسڪي وئي!

جوانن جُمهريون، رقص ڌمالون، چوريءَ جڏهن چيڙي چير،
هوش اُڏائي، مست بنائي، نچندي نچندي کِسڪي وئي!

تو کان پوءِ هي تنهنجو "ارشد"، هُونئن تہ جيئرو آ ليڪن،
ڏات جي ديوي اُڏري ويئي، سوچ انهيءَ جي وِکري وئي!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيم ڏوهہ توکي تہ مان چاهيان!
لڳي دل تہ پيڙا پيو پوگيان!

ڏنم پاڻ تو ڏانهن ڦاسي ويس،
مان چا لاءِ توکي ميارون ڏيان!

مان تو ساڻ ڳالهيون ڪرڻ تہ گهران،
مان سمجهان نہ تو ڳالهہ ڪيئن ڇيڙيان؟

جُهريل جند، ڳوڙها، ڳريل هانءُ، آ،
سوين سُورَ سانديي تہ دل ۾ جيان!

ڪُجهہ ۽ لُڇڻ تي آ بندش پيل،
اندر ئي اندر وهہ جا ڍُڪَ تہ پيان!

الائي ڇو؟ ايڏو مان حساس هان،
ڏسي ڏيهہ جا ڏُک، تہ روئي ڏيان!

اسان کي آ پنهنجن ئي پيڙي ڇڏيو
اها ڏانهن ڏرتي! مان ڪنهن کي ڏيان!

ملي سنڌ تنهنجون دعائون ڪپن،
دعائن جي سايي ۾ ئي مان جيان!

غزل منجهہ ڳالهيون سندس ڇيڙجن،
اها سوچ "ارشد!" ويٺو سوچيان!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چنڊ تنهنجو نانءُ آ، چانڊاڻ تنهنجو نانءُ آ،
سُونهن توکي ٿا سڏن، سُرهاڻ تنهنجو نانءُ آ!

دل ٻُڏي وئي، سڀ ڇڏي ويا، پوءِ بہ ناهيان هيڪلو
آءٌ آهيان، مون سان گڏ بيٺو هاڻ تنهنجو نانءُ آ!

تنهنجي باري ۾ پڇن ٿا دوست! ڏيان ڪهڙو جواب؟
نانءُ منهنجي ساڻ گڏ، چاڪاڻ تنهنجو نانءُ آ!

سنڌ تون آن، جند تون آن، جانِ جان ۽ جانِ من،
هر ملو نالو مٺي مهراڻ تنهنجو نانءُ آ!

شهر تي گولين، بمن، بارود جي برسات آ،
منهنجا مولا! هر زبان تي هاڻ تنهنجو نانءُ آ!

زندگي! بس ڪرب جي احساس جو بيو نانءُ آ،
اي محبت! زهر جي ڪوڙاڻ تنهنجو نانءُ آ!

هاڻ "ارشد" تي ويو گمنام پنهنجي شهر ۾
هر زبان تي هاڪ تنهنجي، هاڻ تنهنجو نانءُ آ!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ديس ڇڏي پرديس تون آئين، منهنجي دل تي ھنڌ پڙهڻ،
قيد ڪري ڪافور ٿئين، ڇا جوڳيءَ وارو ڦيرو هو!

مسجد، مندر، ڪعبي، گرجا، توکي ڪيڏو ڳوليو مون،
جيءَ ۾ جڏهن جهاتي پاتم، دل ۾ تنهنجو ديرو هو!

پاڻ سڃاڻي توکي ڄاتم هاڻ نہ پنهنجي ذات لڪاءِ،
تنهنجي منهنجي معنيٰ ساڳي، لفظن ۾ پر ڦيرو هو!

منهنجي ڏي ڪان نفرت جي ڪيئن تنهنجي دل کي جرئت ٿي
قاضي! تنهنجو قلب تہ منهنجي، مڌ ڪان ڏاڍو ميرو هو!

جڳ مڳ جڳ مڳ جرڪي پئي، جوت جمالي سيني ۾
تو کان اڳ ۾ منهنجي دل تي اوندهہ هئي، انڌيرو هو!

رات اچي وئي ياد اوهان جي هر شيءِ ۾ هُئين تون ئي تون،
چانڊوڪي ۽ درياهہ جو ڪپ، خيالن جو ڪو ويرو هو!

ڌرتيءَ جي ويا ڌوڙ ۾ گم ٿي، تن جا "ارشد" نيشان پيا،
تارا جن جي سيج هيا ۽ چنڊ تي جن جو پيرو هو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجي تخليقن تي تنهنجي سونهن جو ردِ عمل؟
مون لکيا جيڪي غزل، سي نانءَ تنهنجي ئي ٿيل!

شاعرِ نطرت جو آهين خوبصورت شاهڪار
تون سراپا شاعري آن، تون ئي نطرت جو غزل!

تنهنجي چهري تي حيا جي حسن جو آ سوجهرو
ڪيترو سهڻو لڳي ٿو تنهنجي اکڙين ۾ ڪجل!

منهنجي هستيءَ کي قبوليءِ، تو وڏو ٿورو ڪيو
منهنجي اکڙين منجهه تون، ڄڻ چنڊ ڌرتيءَ تي لٿل!

سُونهن جو هر عڪس پنهنجي جاءِ تي آ بيمثال،
چنبا تنهنجا گهنڊ، ڪينجهر جي ڪناري تي ڪنول

چيٽ جون چانڊوڪيون پيو ڪين وندرائي سگهيون،
ياد جي پيڙا ۾ پيڙيل روح ۾ ڪنڊا چُڀيل!

هو چوي ٿو: هاڻ هن جو ناهه مون سان واسطو؟
مون پڌو آ: پوءِ پيو ٿو منهنجا جهونگاري غزل.

مدتن کان پوءِ "ارشد!" ديوتا دل جو مليو
روح جي صحرا ۾ ٽهڪيا موتيي جا گل ٽِڙيل!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ديوانن جو شور شهر ۾، نينهن جا نعرا گونجن ٿا!
شهر جا سياڻا ماڻهو پنهنجن پاڇولن کان ڇرڪن ٿا!

ساڳيا ماڻهو ساڳيو جيون، پاپ نگر جي ساڳي پيڙ
ساڳيا گهاٽا، ساڳي جانبهہ، پيڙيندڙ ئي مٽجن ٿا!

شهر ٺڳن جي آهہ حوالي، پاڻ سنڀالي هلجو يارا!
مورک آخر مورک آهن، ڏاها ماڻهو ٺڳجن ٿا!

هاءِ حياتي! گهمندي ڦرندي شهر ۾ ڪهڙي پهتاسين؟
ماڻهوءَ صورت منجهہ هتي نانگ نياڳا پلجن ٿا!

پنهنجي پيڙا سڀ ڪو ڀوڳي ڪنهن جي ڪنهن کي ناهي ڪاڻ
پنهنجي پنهنجي ڦاهيءَ ۾ هن شهر جا ماڻهو ٽنگجن ٿا!

منهنجي پياري ڌرتي! تنهنجو درد سمايل سيني ۾
تو سان واڳيل منهنجون سوچون، شعر بہ تنهنجا سرجن ٿا!

سالن کان پوءِ سمنڊ ڪناري، ساڳي هنڌ مان ويٺو هان،
گذريل لمحا ياد اچن ٿا، عڪس نئين سر اُڀرن ٿا!

ماڪيءَ کان مٺڙا ماڻهو آءُ! اکين ۾ ويهہ اچي،
شهر جا ڇورا توڏي گهورن، تنهنجي پويان ٽِڪن ٿا!

ڇو ٿا ڇيڙيو؟ دل جون تارون، هر هر هن جو نانءُ وٺي،
زخم ڇڪن ٿا، هانءُ ڇڄي ٿو ڳوڙها ٽمر ٽمر ٽِپڪن ٿا!

هڪڙي تو سان ڳالهہ ڪرڻ لاءِ، روز مان تو وٽ ايندو هان،
ڪيڏي مشڪل، ڪيڏي ويڏن، لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪن ٿا!

هاڻ اکيون ئي ڳالهائينديون، گونگا ناهن منهنجا نيڻ،
تون يي سمجهو سياڻو آهين، سياڻا سڀ ڪجهہ سمجهن ٿا!

هوڏ نہ هيڏي يارا! ٺهي ٿي، "ارشد" جهڙي ماڻهوءَ سان،
روز رُسن ٿا پيارا ماڻهو روز سي پاڻ ئي پرچن ٿا!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مٺڙيون يادون، سُرهي ساڻ
ڪيڏي پياري سُونهن پچار.

ڳوڙها بنجي ڳڙندو هان،
ڇيڙ نہ ڇورا! دل جي تار.

منهنجون اکڙيون، تنهنجا پير،
سُونهن سلامي، سجدا يار.

منهنجو ناهين، ٿي وئي پڪ،
پوءِ بہ تنهنجي، تات تنوار.

ڪارو گورو ساڳي ڳالهہ،
مون وٽ ڪنهن لئہ ناهہ ڌڪار.

ڪاريون راتيون، روشن هٿ،
ٿاهڻ ڍاهڻ جا ويچار.

هاريءَ هٿ ۾ سونا سنگ،
انگ اگهاڙا، تن جا ٻار.

ڪوتا سوچون، رت ولوڙ
ڌرتيءَ دانهون، پيڙ پڪار.

”ارشد!“ جيون جاڙ نہ پُڇ،
پهرن ۾ ٿا پلجن پيار.

❐



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان ئي پيارُ
پيارُ جياپي جو جنسارا!

پيار امرتا، صوفيءَ وٿ،
مذهب ملان جو تڪرارا!

هندو مسلم ويچا، وير،
ماڻهو ماري نفرت چارا!

سچل، سامي، شاهه لطيف،
اونهيون سوچون، آر نه پارا!

آءَ ڪويا ائين نينهن نبير،
جيئن مڪڙ مان نڪري وارا!

پاچولن ڪان ايڏو خوف،
"ارشد"! تون به جهڙو بارا!

❏



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماٺهو ماٺهو آهه مهان،
منهنجو ماٺهوءَ تي ايمان.

ماٺهو مِٽي، مِٽيءَ مانُ،
صورت صورت ۾ سبحان.

دل جي ڌرتي دونهاتيل،
چنڊ تي پهتو آ انسان!

چنڊ هندوري، سوچن لوڏ،
ڏات پريءَ جو ڏُور مڪان!

ڪوتا ديوي وچ سمان،
رات انڌاري ۽ طوفان!

سونهن عبادت، عشق امام،
دل ٿي دل ۾ ڏيان گيان!

روپ نگر ۾ "ارشد" گھر،
دل جو ناهي نانءُ نشان!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سوچن سانچا، صورتگر،
گَهڙجي ويندا نيٺ پٿر.

ڏات غزل جي هرٽي سُڳ،
بحر، وزن ۽ سوچ سَنگهر!

اُڀ تي اُڏريا پنهنجا خيال،
پنهنجي دل جي ناهہ خبر.

منهنجون اکڙيون، تنهنجو روپُ،
پرهہ ڦِرِيءَ جا اُڀ، تي ڦِرَ.

تنهنجي صورت، انهن نہ ڇيهُہ،
ڪيئن گهڙي آ ڪاريگر!

ڏَرِ ٺَٺيءَ تي رنڱ رچاءِ،
ٺَرَ تي ڪئي آ ڇانوَ ڇمر.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سُهڻي سِير ۾ واڳونءَ وات،
عشق اجهل ۽ عورت ذات!

تارن ڏڪڻي، زخمي چنڊ،
ڪٽيي، ٻڙيي، ڪاري رات!

سون سريڪا سپنا ننڊَ،
مانا جذبا، ڏمريل ڏات!

گيت وفا جا، سونهن پچار،
ڇيڙيون، جيسين تي پرڀات!

دل جي ديوي! اوري آءُ،
اُيريل اُڏما، تون ئي تات!

پير - ڪڙين ۾ وک وک دام،
عشق نہ ”ارشد“! تيندو مات!

☐



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هاڻ! جوانيون ۽ جوڀن،
الجهيل سوچون، منجهيل من!

ماڻهو ماڻهو ڪومايل،
سنڌڙي ڌرتي، هاڻ! وطن!

رات رُنو ۽ مُرڪيو چنڊ،
چُڻاڪا چُڻاڪا، پنهنجا ڇن!

پنهنجي پيڙا، تنهنجا پور
تو به نه پاريا، يارا! وچن!

موتي آئي مُند بهار
نيٺ ڇٽي پيا، پيلا پن!

سُندر سپنو رات ڏٺم
شايد ساريو آ ساجن!

آس جا "ارشد"! قول ٽِڙن،
جُهومن جندڙيون، ڌهڪن من!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجي پيڙا، تنهنجو غم،
جيون گهاٽي، گُهٽجي دم!

آءُ! تہ سُنهري گيت لکون،
چنڊ - ڪُپيءَ مان بوڙ قلم!

پيار امرتا، نفرت نانگ،
محبت منهنجو دين ڌرم!

سهڻيءَ وانگر، سڪ آجهل،
سامهون دريا، پويان ڏم!

منهنجون راهون، مچ منجهان،
سوچي ڪٽجان، يار قدم!

سورهيہ ماٽي سوريءَ سيج،
ڪانئر ماري موت وهم!

دوزخ دنيا، ناهہ قبول،
جنت ناهڻ منهنجو ڪم!

روپ رتائون، جوش، جهڙپ،
پورهيت! تنهنجا هٿ علم!

"ارشد"! محبت جو اهڃاڻ،
جيجل جهوليءَ ۾ ابهم!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڳچيءَ ڳچيءَ ۾ ڳورو ڳَٽُ،
نينهن نگر ۾ نئون چرپَٽُ.

اُڀ تي ڄُهڙ ۾ ڪاري ڄهڪَ،
سوني ڏرتي، ڏوڙ ۾ لَٽُ.

ڪيسين دکندي رهندي دل؟
ڦاٽي پوندو نيٺ ته ڦَٽُ!

آ ته گلن جي سُونهن پٽسُون،
مکڙين لاٿو آ گهونگهَٽُ.

سونهن سراپا، آهي سنڌ،
ٻي ڪا جنت، مور نه ڇَٽُ!

آويءَ آويءَ، ميرجي سج،
سوريءَ سوچن لهندي ڪَٽُ.

مون وٽ ماڻهو آهه مهان،
منهنجي ڳالهه ۾ ناهي وَٽُ.

ڏتڙ، مکڻ ۾ ماهيو ڪير،
ملڏ نه تن جو "ارشد"! ڇَٽُ!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ذهنن تي زنجير پيل،
ماٺھو ماٺھو اڌ مُئل!

چيھون چيھون دل جو ساز
سوچَ نديءَ ۾ روح ٻڏل!

پوءِ بہ جيئڻ جي آس نہ مُئي،
مچ ۾ مرڪي عشق اجھل!

سمنڊ ستارا، لڪ ڇپ راند!
ڪيڏو سھڻو عڪس ٺھيل!

ايرانڻ تي سنڌي ويس،
سنڌيءَ ٻوليءَ منجھہ غزل!

توري مُنھن تي مُرڪ تہ آڻ،
جر ۾ جھومي جيئن ڪنول!

منھنجو جيون ڪاري رات،
تنھنجي صورت، چنڊ ڪِرڻيل!

"ارشد"! محبت پل بہ مھان،
جنھن ۾ سانس روح رَڌل!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تارا چمڪيا، چمڪيو چنڊُ،
رات پکيڙيو ڪيڏو ڦنڊُ.

ڇَڪِيءَ پيڙا، پِسجي پيار
هاءِ! جدائي، آهي ڄَنڊُ.

تنهنجي صورت، منهنجو پيار
گل ۾ خوشبو کير ۾ کَنڊُ.

ڏات جي ديوي قيد ڪجي،
جوڳيءَ ڍاري مُرليءَ ڦنڊُ.

”ارشد“! پوءِ بہ ڪوتا وڏ،
ڪيڏو سهڻو آهي چَنڊُ!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

’ارشد‘! ايڏو ٿيءُ نہ اُداسُ،
ڏات ڏنيپيندڙ ٿيندا ناسُ!

پاپ نگر جي پيڙ نہ پُڇ،
جوڙن مُنهن ۾ پنهنجو ماسُ!

رات جي ڏائڻ، هانءُ ڪڍيا،
چوڏس ٻوسٽ، هاءِ! اُماسُ!

رکڻي پونديءِ سچ جي ساک،
ڇڏجي خالي ڪونہ اگهاسُ!

ڏات نہ آهي، ڏند ڪٿا،
آءٌ نہ آهيان ’ڪاليداسُ‘!

رُت بسنتي، ڦُول ٽڙيل،
خوشبوئن جو ونجي واسُ!

ٿئي ڪان توبهہ ٿئي ڪان بس،
گُهرجي گُهرجي، ڪيرَ گلاسُ!

تو ريءَ جيون، سُونهن اُجاڙ،
’ارشد‘! پوڳي پيو بنواسُ!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مٽيءَ کي مليو مانُ، آهي عظيم،
هي ڌرتي، هي انسان، آهي عظيم!

خدا پاڪ جو روح تو منجهه آ،
او انسانَ! هي شان آهي عظيم!

او قاتل! هي گولي تو ڪنهن کي هڻئي،
هي ماڻهو هي انسان، آهي عظيم!

اڙي ڏيهان! هن کي نہ ايذو ڏکوءِ،
او ڌرتي! هي مهمان، آهي عظيم!

اچو! رت سان تاريخ سنڌ جي لکون،
شهادت جو عنوان، آهي عظيم!

بلاولَ ۽ منصورَ تي ويا آمر،
سندن عزم، ايمان، آهي عظيم!

اوهين منهنجي دل ۾ وڏي ڳالهه آ،
اسان تي هي احسان، آهي عظيم!

ہ ٽي شعر ڳوڙهن جي مس سان لکيل،
حياتيءَ جو سامان، آهي عظيم!

پڇيومانس: "ارشد" ڀلا ڪيئن آ؟
چيائين تہ: نادان، آهي عظيم!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سالن کان پوءِ، سرچي ڏاتِ،
نيٺ اسان سان پرچي ڏاتِ!

ڏاڍي ڇنّ تي مُونجهه هئي،
بادل بڻجي برسي ڏاتِ!

هاڻ غزل ۾ ڳالهه ڪبي،
تو کي مون آ آربي ڏاتِ!

چنڊُ رُکي وئي، ڏائڻ رات،
اونداهيءَ ۾ ٻرڪي ڏاتِ!

خنجر سنڌ جي سيني تي آ،
منهنجي ويئي، تڙپي ڏاتِ!

سُونهن سراپا منهنجي سوچ،
خوشبو بڻجي مهڪي ڏاتِ!

"ارشد" شاعر تنهن جو ٿي آ،
ڏرتي! توکي پرتي ڏاتِ!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجي ڪوتا، امرت رَسُ،
مٺڙي ٻولي، ماڪيءَ چَسُ.

سُندر سوچون، روشن خيال،
ذهنن تان ٿو لاهيان ڪَسُ.

آءٌ! لکون اڄ، سُرها گيت،
ڦولَ نِچوڙيئه ناهيون ڦسُ.

آءٌ پڌر تي، لَٽ لڳهه،
وس ڙي بادل! مون تي وَسُ.

ڪهڙي ڪم جي، اهڙي دل؟
پاڻ تي جنهنجو ناهي وَسُ!

منهنجون اکڙيون، تنهنجو رُوپ،
مون ۾ پنهنجو پاڇو پَسُ.

وِندُرَ وائون، چلچَن پيرَ،
ڏونگر ڏاريئه ناهيون ڳَسُ.

سياڻن پنهنجا ڇَپ سِبيا،
ديوانن ڪان پُڇجي ڏَسُ.

"ارشد"! اهڙي ڪوتا لِکُ،
جيڪا لهٽي، جَڳَ ڪان جَسُ.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"ارشد" تنھنجا گيت غزل،
سُندر سوچون، ڦول ترّيل،

ذات جا پنھنجا گھاڙيتا،
خيال جا ڪيئي عڪس نهيل،

لهرون لهرون منھنجي سوچ،
ڇپ ڪنارا، ٻنڌ ٻڌل،

لفظن جي 'شو ڪيس' اندر
ڪوتا ديوي قيد ٿيل،

ڍنڍ ڪناري پوئرن پيڙ،
ڪيڏي ڪئي آ سُونهن ڪنول

پيچ پنيءَ جو باک مهل،
سرچي ويئي ذات رُلل،

"ارشد" جوين ڏينهن نه وسار،
مُوڙ نه موٽي ويل وِيل،

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

’ارشد‘! اکڙين تي آلاڻ!
آڌيءَ آهُون ڪنهنجي ڪاڻ؟

سُندر سپنن تي ويساهه،
ڪاغذ جا گل ۽ سُرهاڻ!

منهنجي دل جي پرت پروڙ
مون ۾ پنهنجو پاڻ سُڃاڻ.

نيڻ - نديءَ تي سُونهن ٽِڙيه
جَرَ تي جرڪي پئي چانڊاڻ.

چانڊوڪيءَ ۾ ناهي ساهه،
تو بن ڪِتين ۾ ڪوجهاڻ.

تو بن جياپو زهر بڻيو
هاءِ! وڇوڙي جي ڪوڙاڻ.

دل جي ديوي دل ۾ قيد،
پاڻ سان پنهنجي روح رهاڻ.

سج ڪٽوري منجهه شراب،
شام شفق جي هئي ڳاڙهاڻ.

منهنجي لِکي روح اجاڻ
ڪوتا سونهن، سوچ سياڻ.

عڪس ۾ ڏي اونهي سوچ،
ڏات ۾ ’ارشد‘! آڻ نواڻ.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪوتا ڏاهپ، سوچ سجاڳ،
مون وٽ جذبا جُواڻ جماڳ.

سوچ پراڻي، ڪُٺ چَڙهيل،
ڪوتا ماپا، ڳُوڙَا ماڳ.

مون ۾ پَٽڪي منهنجو روحُ،
پاڻ ڪي ويٺو ڳوليان پاڻ.

ٻئي جي ان ڪي ڪهڙي ڪاڻ؟
جنهنجي توسان چاڻ سجاڻ.

تنهنجي هستيءَ تي ويساهه،
مون کي پنهنجي ناهي چاڻ.

چند لياڪا ڪڪرن مان،
منهنجي جياپي جا اُهڃاڻ.

پورهيت جياپو پيڙا، پُوڙ
همت، هلچل ۽ چِڪتاڻ.

هيٺا جاڳيا "ارشد"! هاڻ،
ساري دنيا ۾ مانڌاڻ.

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سُونهن سموري ناز انداز،
نينهن نسورو نوڙت نياز.

سُونهن نينهن جي پڌري ڳالهه،
ڇا جو پردو ڇا جو راز؟

سِرجي آيو دل تي گيت،
رت ولوڙا، سوز گداز.

رات آ جيسين، ڳايو راڳ،
چنڊ ستارن ڇيڙيو ساز.

ڪيڏو ڪوڙو ٿيو انجام!
پيار جو مٺڙو هو آغاز.

جهرڪيءَ بچڙي جَهڙيُون جهَٽ،
ڪيڏو پاپي آهي باز.

جنگ جا بادلَ ڌرتيءَ دانهن،
امن ئي فطرت جو آواز.

ڪلندي ڪلندي ڇو نه جِيُون؟
ڪرِه نه ڪنهن کان ٿئي ناراضُ

”ارشد“ ڏيندي ڏاهپ ڏات،
مِٺجي سوچڻ جو انداز.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏاهپ، سياڻپ، سُرت شعورُ
ڪوتا، پيڙا، سوچون سُورُ.

لوڪ تماشو سُوريءَ ساڻ،
آهي آهي ڪو منصورُ.

وحشي ماڻهو برڇيون هٿ،
نازڪ دليون، چڪنا چُورُ.

ٻانهپ جو هر ٻنڌڻ ٽوڙ
جي تو جياپو آ منظورُ!

ڪُوڙ مڃيندو نيٺ ته مات،
سچ نه مرڻو آهي مُورُ!

شهر سڄي ۾ آ مانڌاڻ،
مٽبو ٻوڪي جو دستورُ.

سِڄُ نه چمڙي اڪِ ڏئو
ڏات ڪري جو ناهه تصورُ.

سانت وڄايو مٽڙو ساز
تارن جهمريون، چنڊ آ چُورُ.

"ارشد"! مون سان رات رُنو
مڌ نه آڻت، پيڙا پُورُ.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رڳو قيد ”ارشد“ نہ آ تي ويو
ڏنو جنهن بہ اُن ڏانهن ڇڪجي ويو.

پرين! دل تي ايڏو وئين ڇانئجي،
پيو ياد هو جو بہ وسري ويو.

لکڻ لاءِ ڪنيم دل جي تختي تہ بس،
فقط نالو تنهنجو ئي لکجي ويو.

سندئي سُونهن ڏيءِ جنهنجو هو انتساب،
اهو ئي غزل بس امر ٿي ويو.

چپي هاڻ ڪاڏي ۽ ڇُلڪيون اکيون،
اڙي دل! وري توکي ڇا ٿي ويو.

گهٽي وقت ڪان پوءِ ڏٺيم آرسي،
مان ڪيڏو نہ آهيان بدلجي ويو.

ڏٺم پنهنجو پاڇو جو پويان لڳل،
خبر ناهہ ڇو ڇرڪ نڪري ويو؟

اچا رقص دل جو آ سيني اندر،
الائي ڇا، اڄ رات پي ويو.

سڄي شهر کي آهہ اُن جي تلاش،
چون ٿا تہ: ”ارشد“ آ گُر ٿي ويو.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يارا! توکي خُوب ساريان ٿو
تنهنجي خاطر لُڙڪ هاريان ٿو!

تون وسارين يا نہ، ڌڙ ميڳ جا،
توکي هر حال ۾ پڪاريان ٿو!

هاڻ! هي ساعتون جدائيءَ جون،
ڪا خبر ٿئي تہ ڪيئن گهاريان ٿو!

تنهنجي ڪوڙن واعدن تي ٿي،
پنهنجي دل کي مان ڌُتاريان ٿو!

آءُ هيڪر هلي، او پرديسي!
تنهنجون راهون مان نهاريان ٿو!

’آه‘ جڳ کي متان ڇڏي ساڙي،
برهہ جي باھ دل ۾ ٻاريان ٿو!

تنهنجون ڳالهيون تو ڳٺي "ارشد"!
تنهنجي ڳٽين ۾ دل کي ڳاريان ٿو!

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

صبا ساڻ آندو آ، پيغام نئون،
وري دل تي نازڪ ٿيو الهام نئون!

تصور ۾ تنهنجي، وري جوت جرڪي،
ملي روح کي ويو آ، آرام نئون!

وري نينهن جا ڏينهن آيا ڦري
وري دل تي لکجي پيو نام نئون!

وري چيٽ جي منڊ، چانڊوڪيون،
دليون ڏڙڪندڙ کن ٿيون انجام نئون!

وري قيد مون کي، ڪيو تو وجي،
وڇايو اٿن اڄ، وري دام نئون!

وري پيار تي آهه پهرو لڳو
لڳي عشق تي ويو آ، الزام نئون!

انهن کي خبر ڇا؟ ته پيار آهه ڇا؟
کپي يار جن کي، تو هر شام نئون!

مٿي جا پراڻا پيالا پچو
نئون دؤر آهي، کپي جام نئون!

وري تنهنجو "ارشد" کي طعنو لڳو
مليو آهي الفت جو انعام نئون!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”ارشد“! تنهنجا پيارا گيت،
اُجرا، جهرڙا تارا گيت!

اونداهين ۾ روشن ڪرڻا،
چانڊوڪيءَ جا چارا گيت!

شوريءَ سوچون، ڏاهپ ڏنگ،
سهندا ڪين سگهارا گيت!

جياپي جا اُتساهه انهن ۾
آهن امرت ڌارا گيت!

آتا ڪنهن جا چِٽ چمڙ لڪ،
وياڪل ۽ ويچارا گيت!

هيرن موتين ڪان بہ املهه،
”ارشد“! تنهنجا سارا گيت!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شوقِ دلِ بيقرار پورو ٿئي!
وعدو وصلِ يار پورو ٿئي!

زندگي وصل لاءِ بيتاب آ،
جلد هي انتظار پورو ٿئي!

دل سنديءَ ياد ۾ پئي ڌڙڪي،
قلب جو اضطرار پورو ٿئي!

ننڊ اچڻي تہ آهہ پر هيڪر،
تارڙن جو شمار پورو ٿئي!

چنڊ! منهنجي چنڊ کي چئجئين
هاڻ تو دلفگار پورو ٿئي!

آس "ارشد" بہ ڪين لاهيندو
توتي ڪيئن اعتبار پورو ٿئي!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مدت انتظار پوري ٿئي،
آرزوءِ وصلِ يار پوري ٿئي!

موت! هڪوار هُو اچي پوءِ ڀَل،
زندگي بيقرار پوري ٿئي!

چنڊا! چئجئين چنڊ منهنجي کي
رات تي هاڻ يار! پوري ٿئي!

آءِ منهنجي اڱڻ تي هڪ ڀيرو
آس هي بار بار پوري ٿئي!

جلد منهنجو سماءُ لهه سائين!
بس اجها ٿي جمار پوري ٿئي!

هاڻ "ارشد" جي تمنا آ،
خواهشِ دلفگار پوري ٿئي!

☐



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حُسن وارا موڪلائي ويا.
هاءِ! پيارا موڪلائي ويا!

هاڻ ڪنهن سان حالِ دل اوريان؟
چنڊ، تارا موڪلائي ويا!

اُڃ اکين ۾ آ اڃا باقي،
پر، نظارا موڪلائي ويا!

ڪُنَ ۾ ڪشتي ڏسي اُميدن جي
ٻئي ڪنارا موڪلائي ويا!

جن جو مون کي ڏڍ رهيو هردم
سي سهارا موڪلائي ويا!

زندگي هاڻ آ محال "ارشد"!
جيءَ جيارا موڪلائي ويا!

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اول تون عشق جو غم اي پروردگار ڏيہ
پوءِ درد جو مزو ڏيہ پلي انتظار ڏي!

سيني ۾ سوز ڏي تون ۽ سوداءِ سِرَ ۾ ڏيہ
ڏي ڏيا پلي ڏيہ دل ۾ تون پنهنجو پيار ڏي!

جيئن گل ڏنئي ۽ ڪنڊو ساڻس ڏنو اٿيئي،
تيئن دل ۾ ڏي خلش ۽ اُها بار بار ڏي!

گهرجي نہ تاج ۽ تخت، زر پي نہ تو کپي،
عجز و نياز ڏي ۽ فقيريءَ جا پار ڏي!

آهن مٿم گهٽيئي مسلسل نوازشون،
مون کي نہ زندگيءَ ۾ غمِ روزگار ڏي!

اڄ مرڪندڙ مُهاندا بہ مايوس ٿو ڏسان،
هر بيقرار دل کي الاهي! قرار ڏي!

اهلِ چمن جو آسون ڏسان پيو لٽاڙيل،
منهنجي چمن کي يا ربَ! نئين سر بهار ڏي!

دل ۾ سمائي آسَ هڪ، "ارشد" ڄڀليو جهولُ،
مولا! اسان جي ملڪ کي آباد رَکُ، سُڪارُ ڏي!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڙي دل! ڪري پيار ڦاسين متان!
اٿئي عشق آزار ڦاسين متان!

ڏسي هار سينگار ڦاسين متان!
اڙي دل! تي هُشيار ڦاسين متان!

نئين سج، نئون چار ڦاسين متان!
نئون يار مڪار ڦاسين متان!

محبت جو اظهار ڦاسين متان!
ڪري نينهن نروار ڦاسين متان!

وتس هوڏ تڪرار ڦاسين متان!
نه انڪار اقرار ڦاسين متان!

نقابن، حجابن مان هر هر ڏسڻ،
هي دوکو هي ديدار ڦاسين متان!

هو ڏاڍو سياڻو سمجهدار آ،
نه آهي وفادار ڦاسين متان!

خبردار "ارشد"! سنڀالج قدم
متان تي وڃين هار، ڦاسين متان!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مَن تي ڇانئي عشق اُٿل،
ڳوڙها ڳوڙها منهنجا ڳل!

وِڇڙيي ڪان پوءِ وقت بہ ڇُپ،
هونئن هوا ڪان هلڪا پل!

هئي هئي جندڙيءِ جوانيءَ روڳ،
هئي هئي دل جي آس اجهل!

چُور دلين جا آئينا،
سُونهن جا ڪيئي عڪسَ ٽُٽل!

پٿر هينان آهي ضمير،
ڪومل جذبا، چيپاٽيل!

دؤر مشيني، پيٽ گذر،
ماڻهو ڦيٽن ۾ ڦاٿل!

ڇا تو ڳولي، تنهنجو مَن؟
ماڻهو اُبِ ڏي اُڏري ويل!

چنڊ آ شاهد، آءُ سڄاڳ،
شهر جا ماڻهو سب ستل!

ڪڏهن ڇُهندا، هُن جا ڇپ،
”ارشد“! تنهنجا گيت، غزل!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”ارشد“! تن تي ناهه ميار
روز نوان ڪن، جيڪي يار.

ماضي جڻ هو مٺڙو خوابُ،
سمجهه ته دل ٿي ڪاڏي هار.

هر هر هن جو نانءُ وٺي،
ڇو تا ڇيڙيو؟ دل جي تار.

سوچون سُور ۽ پيڙا پُور،
هاءِ! جياپي جا آزار.

پاڇن تڏهن ساٿُ ڇڏيو
جڏهن ڪان هُو ٿي ويو ڏار.

سهڻي صورت، ميرو مَنُ،
زهر ملايل ماکيءَ لار.

ڪاڏي آهي، هانءُ ڇڙي،
ساريو هوندو مون کي يار.

تنهنجي هٿ جا پوکيل گل،
ويتر موهيو آ مهڪار!

”ارشد“ جهڙي ماڻهوءَ کي،
هيئن نه رنجائين ها يار!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محبت جا پيغام پهچائجن،
ڦِٽي آهہ محفل، غزل ڇيڙجن!

نگاهون، نگاهن سان ٽڪرائجن،
پريل بوتلون، جام ڇلڪائجن!

وڄن چنگ ۽ تار تڙپائجن،
تہ ڌڙڪن دليون، جسم تڙڪائجن!

اڙي چنڊ! تون بہ گواهي ڏجان،
وڇوڙي جون راتيون نہ ٿيون گهارجن!

ڦٽي منڊ، هاٿي هوائون ڦريون،
تڙيل گل، نہ اي ڪاش ڪومائجن!

خبر ناهہ ماڻهن کي ڇا ٿي ويو؟
جو پنهنجن ئي پاڇن کان پيا ٿا ڊڄن!

هو مون کان جدا آ، غلط خيال آ!
ڪڏهن گل ۽ سرهاڻ پيي ٿا ڇڄن!

جدائي فقط جسم ڳاري نہ ٿي،
رڳن ٿيون دليون، هانءُ ٿا پيڙجن!

تو جنهن لاءِ "ارشد" لکيا گيت هٿا،
سندس روبرو اڄ پيا ڳائجن!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چشمِ پُرنم اشڪبار آهيان،
چنڊ وانگر بيقرار آهيان!

رقص ۾ ڪائنات ساري آ،
هاءِ! مان ٿي سوگوار آهيان!

ياد تنهنجي جيئن ٿي ايندي آ،
دوستا! رُئندو زار و زار آهيان!

دڙن مون کي ڪندؤ ڪٿي ساٿيو؟
مان خود ٿي غم ڀنڊي مزار آهيان!

هاڻ مون مان صدا ڪيئن نڪري؟
سازِ دل جي شڪسته تار آهيان!

عشق منهنجو راهبر آهي،
راهگذارِ راهِ يار آهيان!

لُڙڪ مون کي ڏنا اٿس "ارشد"!
زندگيءَ ڪان نالِ زار آهيان!

❒



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زماني جي صدمن ڏُڪارو ڪيو
اسان پوءِ بہ مُرڪي گذارو ڪيو.

محبت گُهري سُون، جُدائي ملي،
اسان ساڻ قسمت تماشو ڪيو.

ٽُٽي تار دل جي، رُسي يار ويو
پري ڪان وڃي تو ڪنارو ڪيو.

ڪُهاڙين ڪپيا ۽ ڪي ڦاهي چڙهيا،
عجب نينهن آهي نظارو ڪيو.

سندس در تي ڪُسجڻ ڪيوسين قبول،
اسان نينهن ناتو سجايو ڪيو.

ڏنو جنهن نہ "ارشد"! اسان ڏي ڪڏهن،
انهيءَ نيٺ مرڪي اشارو ڪيو.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن پيئي تا ڪارا ڪڪر چانئجن،
اسان جا بہ تا روح پرجي اچن!

اُهي مينهن جا ڏينهن، مينهوڳيون،
نئين نينهن جا تا نياپا ملن!

اکين مان وري ننڊ اُڏري وئي،
وري شعر دل تي تا نازل ٿين!

محبت جا موسم اشارا ڪيا،
وري سُونهن ساموهن ۾ وعدا وچن!

ٿيون ڏڙڪن دليون روح تا رقص ڪن،
رُٺل يار جڏهن تا پرچي مِلن.

ڪِھي ناھ ڳوڙن جي هرگز هتي،
وفادار ماڻھو تا مشڪل ملن.

ازل کان اُجايل اسين پيار جا،
اسين جن کي چاهيون، بين جا ٿين!

نئون نينهن "ارشد!" ڪيوسين وري،
اکيون رت رُئن، چاڪَ دل جا چِڪن!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شهر ڪراچيءَ ۾ راڪاسُ!
ساري رونق ٿي وئي ناسُ!

دهشتگردن جو آ راڄُ،
شهري ماڻهن منجهه حراسُ!

آهه ڪراچي يا بيروت؟
ماڻهو ڪائن، ماڻهوءَ ماسُ!

انڌا، گونگا راڄ - ڏٺي،
پٿر جا بُت، بي احساسُ!

وحشي ماڻهو رت - پياڪ،
ماڻهن مان ويو نڪري ٿياسُ!

آهه ڏکوئيل سارو ڏيهه،
رڳو نہ "ارشد" آهه اداسُ!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زماني جي سُوري سَجائي ڇڏي،
اسان رسمِ اُلفت نڀائي ڇڏي!

محبت جي راهن تي ڪانڊا ٽِڙيل،
تڏهن پڻ اسان وِڪَ وَڌائي ڇڏي

لڪايوسين رازِ محبت گهڻو
سڄي ڳالهه ڳوڙهن ٻڌائي ڇڏي!

ٻڌو ٿم: تہ مون ڏانهن تون ٿو اچين،
اڪيون ڇا؟ هي دل پڻ وِڇائي ڇڏي

ڏٺائين جو مون ڏيہ جُهڪي نيڻ ويس!
هو مُرڪي، وڌيل وِڪ هٽائي ڇڏي!

رکيوسين محبت جو قائم ڀرم
اسان جند جيئري جلائي ڇڏي!

اوهان سان لڳي دل، اوهان جو ٿي ٿي،
حياتي نڪاڻي لڳائي ڇڏي

پڇيائون تہ: "ارشد" تو ڪنهن لئي لِکين؟
چيم: جنهن سان مون دل لڳائي ڇڏي!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مَندَ نشيلي، بوند بهار
آءُ اڪيلو ناهي يار!

مون ۾ منهنجو روح رُنل،
ڪونهي دل کي ڪوبہ قرار!

ميرڪيو مُنهن تان نيٽ نقاب،
چنڊ ڪڪر مان ٿيو نروار!

بيوس جڪڙي ويئي دل،
دل تي ناهي ڪو اختيار!

گُهنڊ وجهي تو گهوري ياں
نيڻ - نهارون، پُر اسرار!

ڪيئن نہ ڪائي عشق اُڇل؟
جوڀن، جواني، سونهن اپار!

جڏهن "ارشد!" جرڪيو روح،
يار جو دل ۾ ٿيو ديدار!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

صورت صورت ۾ سبحان،
ماڻهو ماڻهو آهه مهان!

هندو مسلم، ويچا، وير،
ٽڪرا ٽڪرا ٿيو انسان!

مسجد، مندر، سينگاريل،
دل جي دنيا، قبرستان!

ٿيندين منهنجو تون مهمان؟
تنهن جي قدمن تان قربان!

شاهه جي هٿ مان پيالو پي،
تو تي ٿيندا ڀيد عيان!

ڪافر، مومن نانءَ الڳ،
دوئي دل جو وهم گمان!

سونهن سراپا سنجيده،
عشق اڏنگو ۽ نادان!

پوءِ پي "ارشد!" چئبو سچ،
سامهون سُوري ۽ زندان.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عشق هميشه ڪان مجبورُ!
حسن، هٺيلو ۽ مغرورُ!

هرڪو ماڻهو مُنجهيل آهه،
ڪنهن سان سَلجي دل جو سُورُ!

هاءِ! حياتيءَ جا آزار
جنجل، جهوري، پيڙا، پُورُ!

اندر ٻاهر، تون ئي تون،
دل کان هرگز ناهين دُورُ.

توکي هڪڙي ڳالهه چيم:
هاڻ ڪٿي ڪر سا منظورُ!

مسجد، مندر جا ملندس؟
جنهن جي دل ۾ ناهي نورُ!

آئينن تان عڪس ٽُٽا،
هر ڪو شيشو چڪنا چُورُ!

پنهنجي دنيا، واپس وٺ،
دوزخ ڌرتي، نا منظورُ!

آءُ ته "ارشد!" هلجي هاڻ،
چنڊ کي چيري ڏاڍو ڏُورُ!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻانهُون لوڏيءِ هيئن نہ هل:
عشق اسان جو آهہ اَجهل!

ڪائي وندر ناهہ وِرُونهن،
مون ڪان منهنجو روح رُٺل!

ڪيڏي سندر صورت آهہ،
هيءَ جو پر ۾ آ بيٺل!

توکي اربيمر ذات، سوغات،
تنهن جي نالي هيءَ غزل.

رمر جهمر رمر جهمر بوند بهار
دل تي چاهي، مون سان مِل!

دل جي ڌرتي، پوءِ بہ سُڪل،
هونئن تہ برسي ويو بادل!

توکي ساريمر ساري رات،
وسريو ناهين، هڪڙو پَلُ!

جيءُ جيءُ جاني! جواني ماڻ،
هر هڪ دعا ۾ تون شامل!

"ارشد"! تو بن آهہ اداس،
سيني ۾ دل آهہ ٻُڏل!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سندر صورت، منهنجو يارا!
ويتر سرهو ۽ سينگارا!

جوڀن، جوانيءَ رنگ رتول،
نکري نسري ٿيا نروارا!

روپ ـ نگر ۾ ناهہ وفا،
سُونهن ـ شهر ۾ ناهي پيارا!

شهر تي گولين جي برسات،
ماءُ جي هنج ۾ ابهم ٻارا!

ڏينهن سڄي ڪان ڏک مليا،
ناهي ناهي، ڪو غمخوارا

هر ڪو ماڻهو منهن جو پاءُ،
آءُ نہ چاڻان ڪو تڪرارا!

ماڻهو ماڻهو ڪنهن جو روپ؟
پردي پويان، پالڻهارا!

سچل، سامي، شاهہ لطيف،
هر هڪ هستي، پيار ئي پيارا!

پاڻ کي "ارشد"! پرک، پروڙ
تو ۾ اونهو آ اسرارا!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# گيت

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

منڊ ملڻ جي آئي موٽي، موٽي رُت بهار
پوءِ نہ اچان تو وعدو پاريو ڪانہ لهين ٿو سار.
او پرديسي يارا!
ٻڌا! واڳ ورڻ جي وارا!
ڏينهن ڏکن جا اوڪا گذرن، رئندي گذري رات.
مينهن اکين مان ايئن وسي ٿو جيئن وسي برسات.
نينهن ندوري ننڊ ڦٽائي، عشق بڻيو آزارا!
او پرديسي يارا!
ٻڌا! واڳ ورڻ جي وارا!
آءُ اڱڻ تي منهنجي اُبريهِ چنڊ جي ٿي چانڊاڻ.
پيار ڪٽوريءَ جيئن پکيڙيهِ پنهنجي آ سرهاڻ.
آءُ اکين ۾ ويهہ اچي، او سُونهن سندي سرڪارا!
او پرديسي يارا!
ٻڌا! واڳ ورڻ جي وارا!
آءُ! گهڙي ڪن، تو ڏي گهوري تو تان گهورُ وڃان.
نيڻ وڇائي راهہ ۾ تنهنجي، تنهنجا پير چمان.
پيارا! پنهنجي "ارشد" کي تون، ايڏو ڪين وسارا!
او پرديسي يارا!
ٻڌا! واڳ ورڻ جي وارا!

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روپ نگر جي شهزادين سان پيار ڪري مون پڇتايو.
سُونهن شهر ۾ ناهه سچائي،
سهڻن ۾ اميد اجائي،
آس جي مڪڙي آ ڪومائي،
ڪنهن ٻي مون سان ڪين نڀايو.

آس اڌوري، ڪين ٿي پوري،
دل جي دنيا، درد سموري،
پيار جي بدلي، لَڙڪِي سُوري،
جنجل جياپي، جيءُ جلايو.

هيڪل هيڪل، وياڪل وياڪل،
زخمي زخمي، گهايل گهايل،
روز ازل کان روح اُڃايل،
ڏک جي ڏرتي، غم جو سايو.

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# آزاد نظم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ڏُڏَ تہ ڏي

منھنجي دل تي هٿ تہ رک،
مون کي ڪوئي ڏُڏَ تہ ڏي!
ورهين ڪان پوءِ آيو آهين،
منھنجي سامهون سهڻا سائين!
مُرڪي مُرڪي يارا نهار،
ماري جياري، ماري ڄيارا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون سان پنهنجا نيڻ ملاءِ،
منهنجي جيءَ ۾ جهاتي پاءِ!
آءُ! اجا پي اوري آءُ!
آءُ! اچي ڏس دل جا گهاءُ!
مون کان منهنجو حال تہ پڇ
زهر حياتي بنجي وئي،
تو کان پوءِ جا جا تي گذريو
جواني جلد ئي گذري وئي!
هر شيءِ منهنجو ساٿ ڇڏي وئي،
مون سان منهنجا سُورَ هيا.
رئندي رئندي راتيون گهاريم،
جڏهن تنهنجا پُورَ پيا!
شاعر جي دل ساز مثل،
جنهن جي هر هڪ تار ٽُٽل،
تارن ۾ آواز ستل،
روح ۾ جڻ ڪو راز ستل!
گيت ائين چو گُهٽجن پيارا،
دل جون تارُون ڇيڙي ڇَڏِ!
پنهنجا نازڪ نازڪ هٿڙا،
منهنجي دل تي ڦيري ڇڏ!
سالن کان پيو روح سڙي،
مون کي تنهنجي چاهَ کپي،
منهنجي دل تي هٿ تہ رک!
مون کي ڪوئي ڏِکُ تہ ڏي!
دل جي اجايل ڌرتيءَ تي،
بادل بنجي برسي پئو!
ورهين کان پوءِ آيو آهين،
اڄ رات اتي ئي ترسي پئو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ياد

ويٺي ويٺي ياد اچي وئين!
اهڙو تنهنجو پورُ پيو.
هن روح کي اهڙي سٽ لڳي،
جو اکڙين جا پيا بَندَ ٻڃي!
گهايل دل جا گهاءَ کُلي پيا.
صدين جا سوداءَ کُلي پيا.
منهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي،
مون سان پنهنجا نيڻ ملائي،
چاهت جي تو چٽڻ ڏکائي،
منهنجي دل ۾ باهه لڳائي،
منهنجو چين ۽ ننڊ ڦٽائي،
مون کي پنهنجو مست بنائي،
سالن جي تو سنگت ٽوڙي،
مون کان پنهنجو مُنهڙو موڙي!
تو تہ وڃي پرڏيهہ وسايو
ڏارين کي آ دوست بنايو
ڪنهن سان ڪُوڙا قول ڪري
پوءِ ڏار ٿيڻ، بيزار ٿيڻ،
هي تہ ڪٿي بہ جائز ناهي،
ڏِڏُ ڏئي پوءِ وَڏَ وڃهڻ،
هيئن وساري ڪين وڃين ها.
هاڻا نہ دل جي تارَ ڇنين ها.
پٿر دل! او پٿر دل،
ڪڏهن پلجي ياد ڪرين ها!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## مون کان منهنجو حال نہ پُڇُ

مان ڪهڙا توسان سُورَ سَليان؟
اي ساٿي! مون کي ڇيڙ نہ تون!
ءِ چاڪَ ڇَڙِيءَ جا ڇورِ نہ تون!
تون مون کان منهنجو حال نہ پُڇُ.
هي روح سڄوئي زخمي آ؛
ڏئي ڇهيڙَ انهيءَ کي جهور نہ تون!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اي ساٿي! مون کي ڇيڙ نہ تون!
هن دنيا جا رنگ روپ ڏسي،
۽ ماڻهن جا بهروپ ڏسي،
هن دل تي ڪيئي گهاءَ سهي،
ڪئين وارَ سهي، ايذاءَ سهي،
هن دنيا جا ڏيکاءَ ڏسي،
سڀ رشتا، ناتا، يار ڏسي،
مِٽ مائٽ پنهنجا پاءَ ڏسي،
۽ ماڻهن جا وهنوار ڏسي،
مون هر هڪ شيءِ تي سوچيو آ:
۽ عمر جي هر هڪ دؤر اندر
مون سوچ کي پنهنجي پرکيو آ،
سوچڻ، سمجهڻ، پرکڻ کان پوءِ،
اي دوستا! مون هاڻي ماٺ ڪئي،
مان گونگو هرگز ناهيان، پر،
مون ڄاڻي واڻي ماٺ ڪئي،
جي پنهنجا چپ مان چورينديس،
هن خاموشيءَ کي ٽوڙينديس،
۽ حال اندر جو اورينديس!
پوءِ لڙڪ اکين مان ٽِمڪي پوندا،
ٽانڪا دل جا اُڌڙي پوندا،
زخم اندر جا اُٿلي پوندا،
ٽاندا دل جا ٻڙڪِي پوندا!
مون سان گڏ تون روئي ڏيندين،
مون وانگر تون پڻ تڙپي پوندين!
مون کي منهنجي حال تي ڇڏ،
مان کهڙا تو سان سُورَ سَليان؟
☐



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ڏوراپو

تو مون سان ڪهڙا قول ڪيا؟
تو چيٽ فصل جي چانڊوڪيءَ ۾
پيارا پُختا ٻول ڪيا...!
تو الفت جا اقرار ڪيا،
ڇا وعدا مون سان يار ڪيا!
سو وقت اڃا پي ياد اٿم
جنهن وقت ڪنيئي ٿي روز تسرا
سو وقت پي ڪوئي وقت هيو
ان وقت اسان جو بخت هيو
ان وقت اسان جي هستي هئي،
ڇا موج هئي، ڇا مستي هئي!
ان وقت جڏهن پي ملندو هئين،
تون مون کي مرڪي چوندو هئين:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تو مون سان آهي پيار ڪيو
’هن دنيا جي هر آچ ٿُڌي،
تو مون کي پنهنجو يار ڪيو!‘
ان وقت دنيا جي نشي ۾
تي چُور رهيس، مسرور رهيس،
ڪا غم جي مون کي ڄاڻ نہ هئي!
۽ اڄ جڏهن، تقدير مٺجي آهہ وئي،
۽ غربت جي ڄانڊاهہ اندر
مان پيسجي ويو هان داڻي جيان،
تڏهن منهنجي اک کلي آ.
اڄ مان تنهنجو ساڳيو شاعر،
تنهنجي در تي آيو هان،
پنهنجو گهايل رُوح کڻي؛
پر ساڳيو منهنجو حال نہ آ،
هن دنيا مون کي ٺُڪرايو
سڀ يار پڇي بيزار ٿيا،
هر ماڻهوءَ مون کي سُور ڏنا،
۽ گهاءَ ڏنا، ايذاءَ ڏنا،
سوداءَ ڏنا ۽ پُورَ ڏنا،
پر تون بہ بدليل ڏسجين ٿو
جو مون کان بگڙيل ڏسجين ٿو؟
۽ نفرت کان مُنهن گهنجائي،
تو واٽ وڃين تون بدلائي،
اڄ قول کڻي سي پارين ها،
بي موت نہ مون کي مارين ها!
تو ڪهڙا مون سان قول ڪيا؟
تو چيٽ فصل جي چانڊوڪيءَ ۾
پيارا، پختا ٻول ڪيا؟
□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## حالات سان نهٽو ئي تو پوي

حالات سان توپي ٺاهہ ڪيو
حالات سان مون ٻي ٺاهہ ڪيو
تو مون کي وساري آهہ ڇڏيو
مون توکي وساري آهہ ڇڏيو!
ڪيڏو نہ بدلجي آهين ويو!
اڻ واقف بنجي آهين ويو
جڙ: ڪانہ هئي ڪا ڄاڻ سڃاڻ،
ٻن روحن ۾ تي هئي نہ رهاڻ!
جڙ: پيار ڪو سُندر سپنو هو
جڙ: پيار دلين جو دوکو هو!
حالات سان نهٽو ئي تو پوي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حالات هٿان جو زهر مليو،
سو زهر بہ پيٽو ئي ٿو پويو!
حالات بڻايو پنڌ پهڻ:
جڙ: چپ ڪري پئي ڌهن مٿي،
۽ مون کان سڀ ڪجهہ وسري ويو آ.
ڪا ياد نہ آ، ڪا آس نہ آ:
هن روح کي ڪائي پياس نہ آ.
من مندر جي هن ڪنڊر ۾،
ڪوئي ناهي، ڪوبہ نہ آ.
۽ سيني ۾ هڪ آڌَ مُئي دل،
ڌڙڪي پيئي، تڙپي پيئي،
۽ پنهنجي چاهت چڪيءَ ۾،
داڻي وانگر پِسجي پيئي.
من مندر ۾ جنهن ديويءَ کي،
مون دل ئي دل ۾ پوڄيو ٿي،
اڄ آءٌ انهيءَ جي صُورت کي،
سنگسار ڪيان ٿو ٽوڙيان ٿو
۽ ان جا ٽڪرا چوندي ميڙي
وقت جي وهندڙ درياهہ ۾
پنهنجي هٿن سان ٻوڙيان ٿو!
ڪير ٿو چئي؟
مون پيار ڪيو هو!
ڪير ٿو چئي؟
مون ڪنهن سان ڪوئي،
قول ڪيو اقرار ڪيو هو!
حالات سان ٺهٺوئي ٿو پويو
حالات سان مون آ ناهہ ڪيو!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سوال

مون کي هڪڙي ڳالهه ٻڌاءِ.
ڳالهه اندر جي صاف سُڻاءِ!
اج ڪلهه چو خاموش ٿو ڏسجين!
خيالن ۾ مدهوش ٿو ڏسجين!
توڙي تون ڪو 'گوتم' ناهين.
پوءِ بي ايڏو گم سم آهين!
دال ۾ ڪوئي ڪارو آهي!
تنهنجو ڪنهن ڏي لاڙو آهي؟
ڪهڙو سانديئي سُور اندر ۾؟
سُور اسان سان سلڻو پوندءِ!
ڪنهن سان تنهنجو انگ اَڙي ويو؟
حال اندر جو ڪرڻو پوندُءِ!
اج مان توکي ڪين ڇڏيندس.
سوال اسان جو ميڙو پوندُءِ!
ڪنهن سان تنهنجو پيار ٿيو آ؟
نالوان جو ڪڍڻو پوندُءِ.
مون کان دامن ڪين ڇڏاءِ.
ڳالهه اندر جي صاف سڻاءِ!

☐



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سونهن شهر ۾ ناهه سچائي...!

"ارشد"! تنهنجي آس اجائي:
سُونهن شهر ۾ ناهه سچائي!
درد جي وَستي، پيار جي ويرِي،
ڪير تو ڪنهن سان سات ڏئي؟
پيار جي بدلي نفرت ملندئي
ماڪيءَ ۾ تو زهر ملي،
ڪنڊن جا هت تاج لُهن،
هار گلن جا ڪوبہ نہ پوئي،
گهاءُ لڳائڻ هرڪو ڄاڻي،
نينهن نڀائڻ ڪوبہ نہ ڄاڻي،
پاڻ ئي پنهنجا ڳوڙها پيءُ،
ڪير تو ڪنهن جا لڙڪ اُگهي؟
ڪير تو ڪنهن کي ڏَڍُ ڏئي؟
سڀ ڪنهن پنهنجي سوري ٺاهي،
هرڪو پنهنجيءَ ڦاهي ٽنگيو
ڪوبہ نہ تنهنجو ساٿي ٿيو!
پاپ نگر ۾ پٿر ملندئي،
جهولَ گلن جا پيش نہ ڪر!
روپ نگر ۾ روح نہ رول،
سياڻو ٿيءُ، ڪا سوچ تہ ڪر!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## گيت گلن جو

پيار جي بدلي، پيار ملي ٿو
پيار ـ سنيها رات آ ڏيندي،
تارن جهرمر، اُڀ تي سُونهن،
تارن جي دل ڌرتيءَ سان آ.
ساري ساري رات انهن جا
نيڻ ٽِمن ٿا.
ڳوڙها، ڪرڻا بنجي جڏهن،
ڪنهن گل جي ڪنواريءَ مُکڙيءَ جا
ڳل چُهَن ٿا،
رنگا رنگي سُرها سُرها ڦول ڦِٽن ٿا.
تن ڦولن مان پيار جون لهرون
خوشبو بنجي پکڙن ٿيون.
ڏور ڪٿان ڪي پوپٽ تن ڏي،
چڪجي، اُڏري ايندا آهن.
سُرهيون هيرون،
پيار جون لهرون،
رنگ برنگي پوپٽ
لفظن ڌاران پيار جي ٻولي!
چنڊ منجهان ڪو چنگ ٻُريو
تارا مُرڪيا
آءٌ ڪوي هان،
'گيت گلن جا' سمجهان ٿو.
پر هي ماٺيو پٿر دل،
پيار جا ويري، ساڙيلا،
هي گيت نه هرگز سمجهي سگهندا.

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## عشق حُسن جو فلسفو

رات جي ڪاراڻ ۾
چنڊ سهڻو ٿو لڳي!
۽ اسين ڌرتيءَ جا رهواسي جڏهن،
چنڊ تارن ساڻ اوريون،
پنهنجي دل جو حال ٿا:
ان گهڙيءَ،
رات جي ماندڙاڻ جو
چنڊ جي چاندڻاڻ جو
منڊُ ايڏو ذهن تي ٿو ڇانئجي:
جو اسان ڪان چنڊ جي،
اصليت بہ وسري ٿي وڃي!
چنڊ ڇا هي؟
چنڊ آهي دراصل هڪ آرسي،
جنهن تي جڏهن،
سج جو ٿو عڪس پئي،
چنڊ جي چهري منجهان چانڊان ٿي ڇُلڪي پوي!
سج جي ئي سونهن جو
چنڊ محتاج آهہ دوست!
عشق حُسن جو بس ائين ئي فلسفو سمجهي وڃو
نينهن جڏهن سُونهن تي پنهنجو توجهہ ٿو ڏيئي،
چنڊ وانگر سُونهن، تڏهن سُونهن بڻجي ٿي وڃي!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## تُون ڇا ڄاڻين؟

مان تہ اُھو ئي تنھنجو آھيان،
پر، تون سا ڳيو ناھين دوستا!
تون ڇا ڄاڻين، تنھنجي خاطر،
جڳ ۾ ڪھڙيءَ ريت جيان تو؟
تنھائين ۾ توکي ساريءَ
زھر غمن جو روز پيان تو!
تون ڇا ڄاڻين، تنھنجي خاطر،
رت جا ڳوڙھا، رُئندو آھيان:
دل جو آٿي درد اکين ۾،
ڏور ڪان توکي ڏسندو آھيان!
تون ڇا ڄاڻين، مان تو ڄاڻان،
توکي ڪيڏو چاھيان تو!
دل ۾ سانڍي تنھنجي صورت،
پيارا مان توکي پوڄيان تو
مان تہ اھو ئي تنھنجو آھيان
مون کي مھڻا، يارا نہ ڏيءَ
پنھنجيءَ دل کان سوال پڇي ڏس!
تون تہ بدلجي ناھين ويو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# نظماڻو نثر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محبوب!
مون تي ايڏي مهرباني نہ ڪر!
مون سان ايڏا قرب نہ ڪر!
آئون پيار جي لائق نہ آهيان!
محبوب!
تون چوڏهينءَ جو چنڊ،
ان کان بہ حسين!
شفق کان بہ وڌيڪ اڻ ڇُهيل،
تنهنجي چاندوڪي!
تنهنجي پريت پاڪ!
آئون ڌرتيءَ جو رهواسي!
غمن جو گهايل.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

صدين جو ستايل،
ورهين جو بڪايل، انسان آهيان!
منهنجي دنيا ۾ اونداهيرو!
تون پنهنجي دنيا تان لهي،
منهنجي گود ۾ ايندين ته سوچيان ٿو
ته متان توکي ڇُهي وجهان!
متان توکي چُمي وجهان!

پوءِ،
پيار بدنام ٿي ويندو
محبت تي داغ لڳي ويندو!
منهنجو روح جُهري پوندو
منهنجي دل ڏري پوندي،
منهنجو ڪنڌ تو آڏو جُهڪي پوندو!
محبوب!
مون تي ايڏي مهرباني نه ڪر!
تون منهنجي دنيا کان دور نيري اُڀ تان،
چانڊوڪي وساءِ!
منهنجي نزديڪ نه آءُ!
جيئن آئون چڪور وانگر،
تنهنجو انتظار ڪندو وتان!
تو لاءِ تڙپندو رهان!
ڪامندو ڪِجندو ۽ پڇندو رهان!
لڇڪڻ ۾ ڪيڏي لذت آهي!
ها! منهنجي نزديڪ نه آءُ!
مون کي تڙپڻ جو مزو چکاءِ!
محبوب!
مون تي ايڏي مهرباني نه ڪر!
آئون پيار جي لائق نه آهيان!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# وايون



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هر ڪو مِينو چڪنا چُورُ
ڪنهن کي ڪنهن کي سُور سٽايون!؟

سُور اسان سان ڪير سليندو پاڻ پچايون پُورا!
ڪنهن کي ڪنهن کي سُور سٽايون!؟
هر ڪنهن دل ۾ درد سمايل، روح سيئي رنجورا!
ڪنهن کي ڪنهن کي سُور سٽايون!؟
مُرڪي مُرڪي ماريئون مون کي، گهايو ڪنهن جي گهُورا!
ڪنهن کي ڪنهن کي سُور سٽايون!؟
پيار ڏئي پوءِ ڏار ڪرڻ آ، سهڻن ماڻهن جو دستورا!
ڪنهن کي ڪنهن کي سُور سٽايون!؟
عشق جي منزل اوکي "ارشد"، نينهن اٿئي ناسُورا!
ڪنهن کي ڪنهن کي سُور سٽايون!؟

❐



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون کي تنهنجا پور او سائين!
مون کي تنهنجا پورا!

بادل ڇانئيا، بوندون برسيون، جاڳيا دل جا سُورا
او سائين! مون کي تنهنجا پورا!
ساجن! تنهنجي سڪ جو دل ۾ ٻرڪي پيو تنورا!
او سائين! مون کي تنهنجا پورا!
رات انڌاري، اونده طوفان، منزل ڏاڍي ڏورا
او سائين! مون کي تنهنجا پورا!
داغ اندر ۾ چاڪ جگر ۾ دل جو شيشو چُورا!
او سائين! مون کي تنهنجا پورا!
عشق جو رستو آهه اڻانگو عشق سچو ئي سُورا!
او سائين! مون کي تنهنجا پورا!
گهايل منهنجو روح اڳيئي، ويتر گهايو گهُورا!
او سائين! مون کي تنهنجا پورا!
جن جون جايون جيءَ ۾ "ارشد"! دل کان ناهن ڏورا!
او سائين! مون کي تنهنجا پورا!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چئو تون چا تو چاهين؟
سائين! چئو تون چا تو چاهين؟

چنڊ جُهلي پئي جهول ۾ تنهنجي، هار تہ ناهين!
سائين! چئو تون چا تو چاهين؟
ڏيهہ چڏي پرڏيهہ تون آئين، آئين پنڌ پرانهين:
سائين! چئو تون چا تو چاهين؟
جوڳي بنجي، مرلي چائي، در در بين وڄائين،
سائين! چئو تون چا تو چاهين؟
پاڇن پويان ڀٽڪي ڀٽڪي، ٿڪجي پيو تون آهين،
سائين! چئو تون چا تو چاهين؟
مسجد، مندر ڪعبي، گرجا، گهر گهر ساڳيو آهين،
سائين! چئو تون چا تو چاهين؟
تو ۾ آهيان آءٌ سمايل، مون ۾ تون ئي آهين:
سائين! چئو تون چا تو چاهين؟
هِتي تو "ارشد" نانءُ، سڏائين، هُتي تہ الائي چاهين!
سائين! چئو تون چا تو چاهين؟

□



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حق انا الحق الا او!

صورت، صورت منجهه سمايو!

پاڻ وڃائي، پاڻ سڃاتم، لاهي دل جو شڪ الا او!
صورت، صورت منجهه سمايو!
مسجد، مندر ڪعبي، گرجا، حق حقيقي حق الا او!
صورت، صورت منجهه سمايو!
جنت، دوزخ تو وس ناهي، مُلان ويلو بڪ الا او!
صورت، صورت منجهه سمايو!
عشق مجازي عين عبادت، حُسن سچو برحق الا او!
صورت، صورت منجهه سمايو!
رات پٽائي گيهوٽ پڙهايم وحدت وارو ورق الا او!
صورت، صورت منجهه سمايو!
سيدا! تنهنجي سار پئي هان، ڏورل نہ لاهج ڏڪ الا او!
صورت، صورت منجهه سمايو!
عشق آ هادي، مهدي "ارشد"، لنگهي ويندين لڪ الا او!
صورت، صورت منجهه سمايو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عشق اسان جو پيش امام، صورت کي ئي سجدو آهي.

صورت احمد، صورت عيسيٰ، صورت گوتم، صورت رام،
صورت کي ئي سجدو آهي.
آدم سارو سر الاهي، صورت مظهر، صورت مام،
صورت کي ئي سجدو آهي.
"من رآني راء الحق" پرووڙج، پاڪ نبيءَ جو پاڪ ڪلام،
صورت کي ئي سجدو آهي.
مان ئي بلبل، گل بہ مان هان، مان ئي مارِيو مان ئي دام،
صورت کي ئي سجدو آهي.
پت ڏٺي ۽ سچل، سامي، سڀ ڪو پياري ساڳيو جام،
صورت کي ئي سجدو آهي.
سُونهن جي آڏو ڪنڌ جهڪائي، ڪر نِوڙي نت سلام،
صورت کي ئي سجدو آهي.
حُسن پرستي عين عبادت، عشق سچو اسلام،
صورت کي ئي سجدو آهي.
پيار جو مذهب جن قبوليو "ارشد"! تن جو آءٌ غلام،
صورت کي ئي سجدو آهي.

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڪافيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پلا عشق! تنهنجي آري ۾ جو آيو
انهيءَ لئي تو ڪيڏو رُناريو ستايو!

نوابن جا ڳاٽا جُهڪائي ڇڏيا تو
شهنشاھ در در رُلائي ڇڏيا تو
اميرن کي آخر تو ڪِشتو ڪٽايو!
ڪئين جوان جيڙي سڙي خاڪ ٿي ويا.
سنڌڻي وات ۾ ڪيئي ڳُونڌر ڪُپي ويا.
مگر نينهن جو نيائي ويا سي ناتو!
ڪئين قيس، فرهاد، برباد ٿي ويا.
ڪئين مرد منصور ڦاهي چڙهي ويا.
بلاول کي گهاڻي ۾ تو ئي گهمايو!
خبر ناھ هي اوچتو ڪيئن آڙي ويو
اڙي هاءِ! واسينگ جي ور چڙهي ويو
اچي مفت ڦاٿو آ ”ارشد“ اجايو!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

متان ڪوئي جوڳين سان چِندڙي آڙائي!
رهي رات ويندا سي رِڻ ۾ رُلائي!

گهڙيون چار گهاري، هميشہ لاءِ ويندا،
هميشہ لاءِ ويندا، وري ڪين ايندا،
ڪري مست ويندا، سي مُرليون وڄائي!

لڳيءَ ڪي آ لعنت، متان نينهن لايو
متان يارا سُهڻن سان اکڙيون آڙايو
اٿو عشق آفت، خدا شل بچائي!

محبت جي دعوي تہ آسان آهي،
مگر توڙ تائين تو ڪو نڀائي،
حسينن مان ويئي وفا موڪلائي!

اڙي هاڻا "ارشد"! تون ڪيڏو ڳري وئين،
نياڻا، ندورا، ڀلا ڪيئن آڙي وئين؟
ڇڏيو نينهن توکي نيوڙي شڪائي!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪٿي نيڻ نازڪ، نهاريو اي سائين!
مَثل دل کي منهنجي، چِياريو اي سائين!

رقيبن سان هردم رهائيون ڪيو ٿا،
خبر ناهه ڪهڙيون ڪهاڻيون ڪيو ٿا،
گهڙي ڪا اسان سان به گهاريو اي سائين!

اُجايل اُجايل، موالي موالي،
نگاهِه ڪرم جا اسين يارا سوالي،
پري پرت پيالا، پياريو اي سائين!

هي غيرن جي محفل ۾ ڏارين سان ناتا،
ادائون، اشارا، سوين ناز نخرا،
الا! هيئن نه بي موت، ماريو اي سائين!

وفا جا تو مون ڪيئي قول ڪيا هئا،
قسم تو ڪٿي ڪي، پرين ٻول ڪيا هئا،
ڪيل پنهنجا وعدا، سي پاريو اي سائين!

وري مُند سانوڻ جي اکڙين تي ڇائي،
وري پرجي "ارشد" جي دل آهه آئي،
ڙناري ڪِلائي، ڙناريو اي سائين!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گناهن ۾ پنهنجي عمر مون گذاريه
ڏٺي! تنهنجي در تي آ توبهه ۽ زاري!

ڏسي ڏوهه پنهنجا، ڏڪي ڏيل منهنجو
سنڌئي در تي آيس، جهلي جهول پنهنجو
متان منهنجي مولا! قيامت ٿئي ڪارِي!

ڍڪج ڍول! مون کي گنهگار آهيان،
گنهگار آهيان، خطا وار آهيان،
سباجها! سدائين سَتُرُ ڪج سَتاري!

مٺي مير مرسل جي صدقي، اي سائين!
مديني جون مون کي گهٽيون گهمائين!
چمان پنهنجي چشمن سان روضي جي جارِي!

سُتي لوڪ "ارشد"! تون آهون ڀرين ٿو
ڪٽي پنهنجا هنڙا، دعائون گهرين ٿو
اچي پاڻ عربي ڪندا قربداري!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سوچي سمجهي هٽجو دم
نينهن نڀائڻ سولو ناهي،

عشق جو رستو آهه اٽانگو
ڪير تو ميرَ تان لاهي سانگو
ڪوڙن جو هت ناهي ڪم!

سرمد وانگر ڪنڌ ڪپائي،
منصورن جيئن پاڻ وڃائي،
سوريءَ تي پي هٽبو دم!

وحدت واري وات نه ڇڏجي
حق جا نعرا، هردم هڻجي
ٽوٽي چيري ڪوئي چم!

ملان، مفتي، ڪوڙا قاضي،
برهه جي جاڻن ڇا سي بازي،
موت جو "ارشد!" جن کي غم!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سائين! منهنجو سائين تون،
ڀئي سان ڪيهڙي ڪار اسان جي!

مسجد، مندر ڪعبي، گرجا،
هيڏي هوڏي هر هنڌ، هر جا،
حق حقيقي هڪ ڏٺوسون!

جهنگل جهنگل، وستيءَ وستي،
هر هنڌ تنهنجي ساڳي هستي،
تنهنجا جلوا تون ئي تون!

هندو مسلم، سک، عيسائي،
انسانن ۾ ورڇ اجائي،
اکرن ۾ چو اڙياسون!

جيءَ ۾ جڏهين جهاتي پاتم،
اندر "ارشد" يار سڃاتم،
ٻاهر ڪيڏو ڳوليو سون!

❐



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مُلن آهي مُلڪ مُنجهايو
آخوندن ربّ ڪين سجاتو!

ذات صفت جو جهڳڙو ڇا جو؟
صورت صورت جلوو ساڳيو
هر هڪ ماڻهوءَ منجهه سمايو.

زهد، عبادت، تقويٰ، رياضت،
جنت، دوزخ، حورون، قيامت،
ٻرنگين ڪيڏو ٻورنگ رچايو!

سچل، سامي، شاهه ڀِٽائي،
مهدي مصري سيد سنائي،
صوفين وارو سبق سٽايو!

ڪنز قدوري قاتيا پڙهندين،
يار ڪي ”ارشد“! مُور نه ملندين،
پنهنجي دل جو ورق ورايو!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

# دوها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آءُ اڪيلو تنهنجي اُڄَ،
تو ڀِن ساري ڌرتي رُڃَ!

آءُ اڪيلو ڪاري رات،
ڏيئا ڏيئا، منهنجي ذات!

آءُ اڪيلو سوچون ساڻ،
تو سان منهنجي روح رهاڻ!

آءُ اڪيلو تنهنجا پُورَ
تنهنجون سارُون، تنهنجا سُورَ!

آءُ اڪيلو منڌ بهار
تو ڀِن دل کي ناهه قرار!

آءُ اڪيلو هاريل هانءُ،
چيهون چيهون، دل جو ٿانءُ!

آءُ اڪيلو نيڻ ٻنل،
زخمي آسون، روح رُٺل!

آءُ اڪيلو اڄ ٻي هاءِ!
ساڳي موسم، ساڳي جاءِ!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجي هستي، منهنجو روح،
تو ٻن اندر اندو ڪوهه!

تو ٻن اُڌما، اڌ مُئل
سيني ۾ دل آهه ٻُڏل!

هونئن ته ماڻهن جو آ ميلو
ميلي ۾ ٻي آءٌ اڪيلو!

ويڳاڻي ۽ وياڪل دل،
اُلجهيل، مُنجهيل ڦاٿل دل!

ٻارن وانگر ڏُڏڪي پئي،
سيني اندر ڦٿڪي پئي!

آئيني ۾ چنڊ ڏسي،
سرچي پرچي ڪين سگهي!

ڇا جي دوئي، ڇا ٻيائي؟
آءٌ وراڻي، تون آن وائي!

خوشبو گل سان جيئن آ گڏ،
آءٌ پڙاڏو تون آن سڏ!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

دل ۾ درشن، جوت جمال،
ڇا جي ڏوري، قرب و وصال!

هردم دل ۾ هوت حضور،
ڏور نه مون کان هرگز مُورا!

ڇا جو تون ۽ ڇا جو مان؟
جيءَ ۾ جلوا روز پسان!

ڇا جي ڇولي، ڇا دريا؟
انت بحر دي ڪل نه ڪا!

مان هان قطرو قلزم جو
قلزم ڇا هي؟ پتو نه پيو!

وحدت وارو پياريئي جام
مان هان مست و مست مدام!

مون ۾ تون ئي تون آن گم
تو ۾ مان ئي مان هان گم!

منهنجو وظيفو ورد ورود،
تون موجود، مان موجود!

تون موجود، مان موجود!
مان موجود، سڀ موجود

❐



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سياڻن ڪيڏو سمجهائيئي، تہ بہ ڪري تون ويلين پيارُ
مَنٿين نہ پنهنجي هوڏ تان "ارشد"! تون پي جهڙو بارُ!

بارُ تہ ناهين سائين! پوءِ تو ڪيئن آڙائي دل؟
ڦاٽي اهڙي اوکي هنڌ آ، وري نہ آئي دل!

سُونهن اوهان جي، نينهن اسان جو اُپ ڇهڻ جي آس،
آس جي هرٽي رڃ بہ پٽڪي، رڃ نہ لاهي پياس!

هيل تہ آئي منڊ اسان وٽ، نينهن جو نئون سنديش کڻي،
هيءَ جا اُڪريل دل تي آهي، صورت دل کي آهہ وٽي!

هيل نئون سُر سِرجيو آ، ٿي واجي وانگر دل وَڄي،
هيل وري دل جهونگاريو ٿو اندر مان آلاپ اچي!

هيل نوان ڪي سور ساماڻا، عشق جو ويو آزار وڌي،
هيل اسان نئون نينهن ڪيو آ، نينهن نئين سر جاڙ ڪئي!

نينهن نئين سر جاڙ ڪئي جا، راتين جيءَ وئي ننڊ ڦٽي،
چانڊوڪيءَ جيئن هيل پيا هِن، گهايل دل جا گهاءَ ڇڪي!

هاءِ! جواني، جوانيءَ کي پي نيٺ ويو ڪائي روڳ،
هاڻ اسان کي ساڃاهہ آئي، عشق نہ آهي يوڳ!

عشق نہ چرچو يوڳ الا! او عشق جو اونهو گهاءُ،
پيار جي پيڙا پيڙيندي آ، پيار سڄو پڇتاءُ!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هاڻ! نماڻي صورت تنهنجي، منهنجي ويئي موهي دل،
ڏينهن ڏٺي جو پاڻ وڃائي، پاڻ کي ويئي ڳولي دل!

هاڻ! تون ڪيڏو ماڻيٺو آن، ڪيڏو آن ڳنڀير،
هاڻ! نماڻا نيڻ ڪٿي ڏس، تاڻي هڻ تون تير!

هاڻ! جواني ديواني آ، جوانيءَ تي الزام،
عشق نہ بدنام آهي "ارشد"! حسن نہ ٿئي بدنام!

چوري گوريءَ پاڻ سنڀالج، ماڻهن نظرون پيڇو ڪن،
شهر سڄي ۾ جار وڇايا، تنهنجي پويان جاسوسن!

ڏينهن ڏٺي جو هيئن نہ مون وٽ چوريءَ چير وڃائي آ،
اونداهيءَ جي آڙ وٺي، پر لوڪڻ پاڻ لڪائي آ!

هيل پتين کي ڳنڍ تي پيا هن، پير جو ڪڙڪو ڪونہ ٻڌي!
چوري گونگي بنجي وڃ تون، تنهنجو گفتو ڪونہ ٻڌي!

هيل ڦري ويا پنهنجا پاڇا، پاڇولن کان خوف اچي،
پيار تي پهرو هيل وڏي ويو شال! ونا جي لڄ بچي!

اڳي نہ اهڙو پيار تي اوکو وقت هو آيو "ارشد" يار!
هيل نمونو ڪوتا جو نئون، هيل انوکي پرت پچار!

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هيڏي ساري شهر ۾ توکي آئون ڳولڻ نڪتو هان،
ڪهڙي پاسي تنهنجو گهر آ، ڪنهن کان تنهنجا پارَ پُڇان!

شهر جا ماڻهو پنهنجي ڏُن ۾، دل جا سڏڪا ڪير ٻڌي؟
بيٺو هان چوواٽي تي، مون وانگر من کو ٻيو بہ هجي!

"ارشد" جهڙي ماڻهوءَ سان ير ههڙا هاجا ڪين ڪجن،
اهڙا ماڻهو تنهنجيءَ پون ڏي ڪٿهين ڪٿهين پيرو ڪن!

عشق حُسن جي آڙو پنهنجو ڪنڌ جهڪائي بيٺو آ،
سُونهن سلامي، شال! اگهامي، آس لڳائي بيٺو آ!

عشق جو اُپريو سج اسان تي حسرت جا حالات ڪٽي،
ڏات اسان جي ڏيهہ ۾ آئي، سُورن جي سوغات ڪٽي!

سُونهن شهر ۾ ڏوم ڏمالون، نينهن وڄايو ناد،
عشق اسان جو مست ملنگ آ، رسمن کان آزاد!

باهہ جي ٻرندڙ ٽانڊن تي تو هيل اسان جو نينهن نچي،
هل! اسان جو ساهہ سڙيو جيئن ڪاڙهي ۾ تو سِجُ تپي!

عشق زورآور ذات، الا او! عشق نہ ڪنهنجو قياس ڪري،
عشق ائين ئي ڳاري ٿو جيئن ميڻ ٻتي چُپ چاپ ٻري!

هيئن نہ سينو تاڻي هل تون، عشق اسان جو جوان جماڻ،
نينهن ندورو نانگو آهي، مڇي ڪٽي نہ پوي مانڊاڻ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هاءِ! اڄوڪي رات اسان تي، ڏات آ ڪيڏي مهر ڪئي،
ڇمر ڇمر ڇوريءَ ڇمڪيون ڇيريون، دل جي وينڻي تار وَڄي!

دل جي وينڻي تار وڄي جڻ، تارن جهوميو جهومي رات،
چنڊ ڪان سرس آ سُونهن سنديئي سُونهن جي آهي ڪهڙي بات!

سانولڙا او سانولڙا! ڏي ڏانءَ تہ ڪوئي گيت لکان،
جهڙي سندر صورت آهين، گيت ۾ اهڙي سُونهن پريان!

گيت جي پيتا ڪيئن ڏيان مان؟ آڇيندي سو لڄ مران،
دل تي چاهي، سُونهن تان تنهنجي گهوري سِرُ ۽ ساهُ ڇڏيان!

دل جي وستي جاڳي پيئي، هيل جو دل کي ڌڪ لڳو،
گرجا ۾ جيئن گهنڊ وڄي ٿو مون ۾ منهنجو روح وڳو!

اندر مان آلاپ جو آيو بنجي ويو سو منهنجي ڏات،
ڪوتا آئي ڪوهياريءَ ۾ جڏهن ترپي تنهنجي تات!

شهر ۾ ماڻهن انت نہ ڪوئي، پر ڪو اهڙو ناهي يار!
پنهنجو نازڪ هٿ رکي، جو ڇيڙي منهنجي دل جي تار!

هيڏي ساري شهر ۾ آيس، دل جي ڪيڏي سڪ ڪٽي،
جوڳي بنجي در در ڀٽڪي، ساٿو تي پيس سين هٽي!

ڏاريا ماڻهو ڏارين وستي، سمجهيا منهنجو ڪين سوال،
پاڻ ئي پنهنجا پور پچايان، دل ئي ڄاڻي منهنجو حال!

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# قطعا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جدائيءَ جي لمحن جي پيڙا نه پڇ:
جيئڻ وِهُه پيڻ کان به گهٽ ناهه يارا
حياتي اڪيلي بڻيل بارُ هئي،
اوهان پي وساري ڇڏيو آهه يارا!

اڙي دل! وري توکي ڇا ٿي ويو؟
وري نيٺ تو پيچ پاتو نئون!
وري پيار پيڙا!! وري سُور پُورا!
وري سونهن سان نينهن ناتو نئون!

ڇريو ٿيءُ نه ”ارشد“! تون ايڏو نه رُو
وساري ڇڏيو ٿس، وساري ڇڏينس،
ائين سمجهه تو هو ڪو سپنو ڏٺو
سڄو خيال هو هاڻ ٽاري ڇڏينس!

غمن، گوندرن سان ٿُهي دل وئي،
اسان هر خوشي توکي اربي ڇڏي!
اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ يارا تو لئه
اسان زندگي توکي اربي ڇڏي!

اسين آرسيون سُونهن تنهنجي سجي،
اسين تنهنجي صورت جا پاڇا پرين!
اسين روپ آهيون تون آهين آروپ!
رڇيا رنگ بيرنگ ڇا ڇا پرين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وڃائيئي وڃيس مان، لڪائيئي لڪيس
اها ڏات، سوغات تنهنجي هئي،
هيس ساز آواز تنهنجو هيو
جو منهنجي اندر ذات تنهنجي هئي!

✲

منهنجا سائين! شل سدائين، خوش رکي توکي خدا!
تون بهارن جي گُلن جيئن، جهومندو ٽڙندو رهين،
تنهنجا غم مون کي مِلن منهنجيون خوشيون توکي ملن
مان ڀلي غمگين رهان، پر تون سدا کِلندو رهين!

✲

خونِ دل مان اڄ قلم ٻوڙي لکان ٿو ڪجهه غزل،
دوستن! ڪاغذ تي مان دل جا ٽُڪرا ٽيڙيان ٿو وري،
هر دل احساس جيئن جهومي اُٿي، ٺٺڪي پوي،
اڄ پري محفل ۾ اهڙو ساز ڇيڙيان ٿو وري!

✲

محبت ۾ اهڙي ته حالت ٿئي،
جو هر درد، دک ۾ ٻه راحت ٿئي،
نگاهن جي تيرن سان هيڪر ڦٽيئه
وري اهڙي ٻيهر عنايت ٿئي-

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book